REG NO. 3833

ABC Certified

روزاني

سنڌيار

ايڊيٽر: اعجاز مهر

سکر

www.dailysindhyar.com

sindhyarskr@gmail.com

(جلد 02) اربع 31جنوري 2024ع بمطابق 19رجب المرجب 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو:246

سائفر ڪيس: عمران خان ۽ شاهه محمود قريشي کي 10-10 سال قيد جي سزا

اوهان کان سولو سوال آهي، سائفر ڪٿي آهي؟ (عدالت) سائفر مون وٽ نه آهي مون پنهنجي بيان ۾ لکرائي ڇڏيو آهي، وزيراعظم آفيس جي سيڪيورٽي منهنجي ذميواري نه هئي: عمران خان

مون ڏانهن ڏسو، مان اوهان کي 10، 10 سال قيد جي سزا ٻڌايان ٿو (جج) شاهه محمود قريشي جو احتجاج، منهنجو ته اڃا بيان ئي رڪارڊ نه ٿيو آهي: شاهه محمود قريشي

تحريڪ انصاف عمران خان ۽ شاهه محمود قريشي جي سائفر ڪيس ۾ سزا چيلنج ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو، ٽرائل ڪورٽ جي فيصلي خلاف اعليٰ عدليا سان رابطو ڪرڻ جو اعلان

اسان کي سپريم ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽ تي پورو آهي عدالتن مان انصاف ملڻ جي اميد آهي، آئين ۽ قانوني طريقي کان هٽي ڪري ڪيس کي هلايو پيو وڃي: بئرسٽر گوهر

عمران خان ۽ شاهه محمود قريشي کي سياسي انتقام جو نشانو بڻايو پيو وڃي، عمران خان جي هدايتن جي روشني ۾ ڪارڪن پرامن رهندا، هر نانصافي جو بدلو ووٽ سان وٺنداسين: ترجمان

راولپنڊي (م د) آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ عدالت پي ٽي آءِ باني عمران خان ۽ شاهه | محمود قريشي کي سائفر ڪيس ۾ 10_10 سال قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي. آفيشل | سيڪريٽ ايڪٽ عدالت جي جج ابوالحسنات محمد ذوالقرنين اڏيالا جيل ۾ ڪيس جي | ٻڌڻي ڪئي، فاضل جج پي ٽي آءِ باني ۽ شاهه محمود قريشي جو 342 جي بيان لاءِ | سوالنامو ۽ اسٽيمينٽس جون ڪاپيون ڏنيون، سوالنامو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ديرا غازي خان: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چونڊ جلسي کي خطاب ڪندي

پاڪستاني عوام جي پريشانين جو احساس رائيونڊ وارن سميت ڪنهن کي به نه آهي: بلاول ڀٽو

پاڪستان جي عوام کي اهڙو نظريو ۽ منشور گهرجي جنهن سان انهن جي تڪليفن ۽ گهٽتائين اچي سگهي. ٻي پاڪستان جي پريشانين جو احساس رائيونڊ وارن سميت ڪنهن کي به نه آهي

بهترين استقبال تي ديرا اسماعيل خان جي عوام جو ٿورائتو آهيان. منهنجو ۽ ديرا اسماعيل خان جي عوام جو رشتو ڪافي پراڻو آهي. ديره اسماعيل خان جي عوام هميشه محبت سان استقبال ڪيو

چيو پي وڃي ته ديره اسماعيل خان ۾ سيءُ تمام گهڻو آهي، چونڊ مهم ڪرڻ مشڪل آهي، هاڻ انهن جو چا ٿيندو جنهن سيءُ جي ڪري چونڊ مهم هلائڻ نٿي چاهي

پ پ کان علاوه ٻيون پارٽيون اشرافيه جي نمائندگي ڪنديون آهن پر پيپلز پارٽي 3 نسلن کان عوام جي نمائندگي ڪندي رهي آهي ۽ عوام سان گڏ بيٺل آهي

جن دهشتگردن کي قربانيون ڏئي شڪست ڏني هئي اهي ٻيهر سامهون اچي رهيا آهن اسان هڪ دفعو ٻيهر دهشتگردن کي شڪست ڏينداسين، هاڻ ڪوبه بهانو نه رهيو آهي

8 فيبروري تي ديره اسماعيل خان ۾ تير تي برسات ٿيندي، موجوده معاشي بحران ملڪي تاريخ جو سڀني کان وڏو بحران آهي پر پاڪستان هن وقت تڪليف ۾ آهي پيپلز پارٽي ملڪ کي اڪيلو نه ڇڏيندي

ديره اسماعيل خان (م د) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو | آهي ته پاڪستان جي عوام کي اهڙو نظريو ۽ منشور گهرجي جنهن سان انهن جي تڪليفن | ۽ گهٽتائي اچي سگهي. ٻي پاڪستان جي پريشانين جو احساس رائيونڊ وارن سميت | ڪنهن کي به نه آهي. ديره اسماعيل خان جي حق نواز پارڪ ۾ جلسي کي خطاب ڪندي | بلاول ڀٽو زرداري چيو ته بهترين استقبال تي ديرا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

چونڊن واري ڏينهن جي ڊي اي يا ڪجهه ٻيو نه پر ڳوٺ تير هلندو: آصفه ڀٽو

8 فيبروري تي سنڌ مان پيپلز پارٽي جا سمورا اميدوار ڪامياب ٿيندا، بلاول ڀٽو زرداري اوهان جي اميد آهي

عوام پ پ اميدوارن کي ڪامياب ڪري ته جيئن بلاول ڀٽو زرداري وزيراعظم بڻجي، جيڪو اوهان جي اميد آهي

8 فيبروري تي سنڌ مان پيپلز پارٽي جا سمورا اميدوار ڪامياب ٿيندا: ريلي کي خطاب

بدين: پ پ اڳواڻ آصفه ڀٽو زرداري چونڊ ريلي دوران نعرن جو جواب ڏيندي

بدين (رپورٽر) آصفه ڀٽو زرداري پيپلزپارٽي جي اميدوارن جي چونڊ مهم هلائڻ لاءِ بدين پهچي وئي، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

مان توهان کي ووٽ نه ڏيندس، ڳوٺاڻي جو اڪرام الله ڏاريجو کي ڪتو جواب

پنو عاقل (رپورٽر) پني عاقل ۾ ڳوٺاڻي پيپلزپارٽي جي اميدوار اڪرام الله ڏاريجو کي ووٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

هارون آباد: نواز ليگ سربراهه نواز شريف چونڊ جلسي کي خطاب ڪندي

وفاقي ڪابينا پارلر روينيو ڊويزن جي سفارش تي ايف بي آر جي نئين سر تنظيم سازي ڪرڻ جي منظوري

وفاقي ٽيڪس پاليسي بورڊ جي جوڙجڪ جي منظوري، ارسا ايڪٽ 1992ع ۾ ترميم جي فيصلي جي توثيق ملتوي

سموري گهربل ضروري قانونسازي جي لاءِ مسودو ايندڙ چونڊيل پارليامينٽ کي منظوري جي لاءِ پيش ڪيو ويندو: نگران وزيراعظم

سڌارن جي روشني ۾ روينيو ڊويزن ۾ وفاقي ٽيڪس پاليسي بورڊ جوڙيو ويندو، سربراهي نائي واري نگران وفاقي وزير ڪندي

اسلام آباد (م د) وفاقي ڪابينا روينيو ڊويزن جي سفارش تي ايف بي آر جي نئين سر تنظيم سازي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

پاڪستاني عورتن جي افغاني مڙسن کي پاڪستان اوريجن ڪارڊ جاري ڪرڻ جو حڪم

پشاور (م د) پشاور هاءِ ڪورٽ پاڪستاني عورتن جي افغان مڙسن کي پاڪستان اوريجن ڪارڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ ڪابينا اجلاس جي صدارت ڪندي

سبي ۾ جناح روڊ تي ڌماڪو، ٻه ڄڻا مارجي ويا، اسپتالن ۾ ايمرجنسي لاڳو

ڌماڪو سبي ۾ جناح روڊ تي ٿيو، جنهن جي نتيجي ۾ ڪيترائي ماڻهو زخمي ٿيا

حالتن کي ڏسندي سبي ۽ ڪوئيٽا جي سڀني اسپتالن ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي

ڪوئيٽا (م د) بلوچستان جي شهر سبي ۾ جناح روڊ تي ڌماڪي ۾ ٻه ڄڻا مارجي ويا. پوليس موجب ڌماڪو سبي ۾ جناح روڊ تي ٿيو، جنهن | جي نتيجي ۾ ڪيترائي ماڻهو زخمي ٿي پيا، جن کي اسپتال نيو ويو. اسپتال انتظاميا موجب ڌماڪي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

بلوچستان: مچ ۾ دهشتگردن جي حملي ۾ ٻه پارٽي ڳجهي ايجنسي ملوث

را سان جڙيل اڪائونٽن اڳ ۾ ئي حملي جي خبر پنهنجي اڪائونٽن تان ڏني: ذريعا

ڀارت را سان جڙيل سوشل ميڊيا اڪائونٽن تان بدامني ۽ ڏڦيڙ پکيڙي رهيو آهي

اسلام آباد (م د) بلوچستان جي علائقي مچ ۾ ناڪام دهشتگرد حملي ۾ ڀارتي ڳجهي ايجنسي جي ملوث هجڻ جا ثبوت مليا آهن | سيڪيورٽي ذريعن موجب ڀارتي سوشل ميڊيا اڪائونٽن وٽ حملي جو اطلاع اڳ ئي موجود هو/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

عمران خان اقتدار ويندي ڏسي ملڪ تي حملو ڪيو: نواز شريف

اسان آءِ ايم ايف کي خدا حافظ چيو، لوڊ شيڊنگ ختم ڪئي، عمران خان وري ڪستو ڪٿي پهچي ويو

ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل جي رپورٽ موجب نواز شريف جي دور ۾ ملڪ مان ڪرپشن جو خاتمو ٿي چڪو هو

ثاقب نثار ٻڌائي ته جنهن کي عالمي دنيا ڪرپٽ ترين چئي رهي آهي، ان کي توهان صادق ۽ امين جو سرٽيفڪيٽ ڇو ڏنو؟

هارون آباد (م د) ن ليگ قائد نواز شريف چيو آهي ته اسان آءِ ايم ايف کي خدا حافظ چيو. | عمران خان وري ڪستو ڪٿي پهچي ويو بهاولنگر ضلعي جي علائقي هارون آباد ۾ | جلسي کي خطاب ڪندي نواز شريف چيو ته مون کي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

هو ڪير پراسرار آهي جيڪو ملڪ کي هلائي رهيو آهي: چيف جسٽس

هي عدالت آهي راندين جو ميدان نه آهي، جيستائين لکت ۾ اسان جي سامهون ڪجهه نه ايندو اسان آرڊر ڪيئن جاري ڪريون

هاڻ سپريم ڪورٽ ۾ 3 رڪني ڪميٽي ٺي طئي ڪندي آهي ڇا صحافين ڪا نئين درخواست داخل ڪئي آهي؟

اميد هئي ته اڄ ڪو به صحافي سي ايم اي فائل ڪندو، اسان کي ڪو ڪاغذ ته ڏيکاريون، اسان هن ڪيس ۾ ڪيئن اڳيان وڌون

اسلام آباد (م د) چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ صحافين کي حراسان ڪرڻ جي ڪيس ۾ | ريمارڪس ڏنا آهن ته اهو ڪير پراسرار آهي جيڪو ملڪ کي هلائي رهيو آهي. چيف جسٽس | قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ تقريب کي خطاب ڪندي

ڪراچي ۾ امن امان جي بگڙجندڙ صورتحال تي پ پ جو چيف اليڪشن ڪمشنر کي خط

پ جي چونڊ مهم جا پوسٽر ۽ جهنڊا باقاعدگي سان ڦاڙيا پيا وڃن ۽ لاڳاپيل وڊيوز ان شڪايت بابت حوالي لاءِ جڙيل آهن

ڪراچي جو اورنگي ٽائون انتهائي حساس علائقو آهي ۽ هتي لساني دهشتگردي جون تمام گهڻيون وارداتون ٿيون آهن

اليڪشن ڪميشن قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي حفاظتي قدمن کڻڻ جي هدايت ڪري ۽ شرپسند عنصرن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي

ڪراچي (رپورٽر) پ پ چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا کي هڪ ٻيو خط لکي | ڪراچي ۾ امن امان جي بگڙجندڙ صورتحال ڏانهن ڌيان ڇڪايو آهي. پ پ طرفان چيف | اليڪشن ڪمشنر کي لکيل خط ۾ چيو ويو آهي ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

مچ جيل تي پابندي مڙهيل بي ايل اي جو حملو ناڪام، جوابي ڪارروائي ۾ 7 دهشتگرد مارجي ويا

حملي آورن جيل جي مرڪزي دروازي ۽ بائونڊري وال تي راڪيٽ وسايا، حملي ۾ پوليس اهلڪار سميت 2 ڄڻا مارجي ويا

سيڪيورٽي فورسز جي جوابي ڪارروائي ۾ 2 دهشتگرد مارجي ويا. دهشتگردن جي حملي جي اطلاع اڳ ئي ملي وئي هئي

سيڪيورٽي فورسز طرفان موثر جواب ڏيڻ جي نتيجي ۾ دهشتگرد واٽرا ٿي ويا، علائقي ۾ آپريشن ڪلين اپ ڪيو ويو

ڪوئٽه (م د) بلوچستان جي ضلعي بولان ۾ سيڪيورٽي فورسز مچ جيل تي پابندي مڙهيل | بلوچ لبريشن آرمي (بي ايل اي) جي دهشتگردن جو حملو ناڪام بڻائي ڇڏيو آهي. رپورٽ موجب | حملي آورن جيل جي مرڪزي دروازي ۽ بائونڊري وال تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اليڪشن ڪميشن نگران حڪومت کي ايف بي آر ۾ سڌارن کان روڪي ڇڏيو

خبرن ۾ آيو آهي ته آرڊيننس ذريعي ايف بي آر ۾ سڌارا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي: خط

ايف بي آر جا سڌارا اهم پاليسي فيصلي ۾ شامل هوندا آهن، اهو معاملو چونڊيل حڪومت جو اختيار آهي

اليڪشن ڪميشن کي انهن ڪمن جي نشاندهي به ڪرڻي هوندي آهي، جيڪا نگران حڪومت نٿي ڪري سگهي

اسلام آباد: صدر عارف علوي تقريب کي خطاب ڪندي

اسلام آباد (م د) اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان نگران وفاقي حڪومت کي ايف بي آر ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي جي علائقي ملير ۾ جناح ايونيو تي فائرنگ جي نتيجي ۾ عورت زخمي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي علائقي ملير ۾ جناح ايونيو تي فائرنگ جي نتيجي ۾ عورت زخمي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

پهرين فيبروري کان پيٽرول جي قيمت ۾ 10 روپين تائين واڌ جو امڪان

قيمتن ۾ واڌ جو اعلان 31 جنوري 2024 جي رات جو ڪيو ويندو

2 هفتن دوران عالمي مارڪيٽ ۾ ٻارڻ جو تيل 6.50 سيڪڙو مهانگو ٿي ويو

اسلام آباد (م د) پهرين فيبروري کان پيٽرول جي قيمت ۾ 10 روپين تائين واڌ جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي. جڏهن ته قيمتن ۾ واڌ جو | اعلان 31 جنوري 2024 جي رات جو ڪيو ويندو. آئل انڊسٽري جي ذريعن ٻڌايو آهي ته هڪ ليٽر/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

مصطفيٰ ڪمال جو بيان شهر جو امن خراب ڪرڻ جي سازش آهي: مرتضيٰ وهاب

لاقانونيت ۽ امن جي تباهه حوالي سان اوهان جو ماضي داغدار آهي، ايم ڪيو ايم طرفان موٽ نه ملڻ تي مصطفيٰ ڪمال ڪاوڙيل آهي

ڪراچي جي عوام کي سڀ ياد آهي ته ڪير شهرين جي زندگين سان کيڏندو هو ۽ ڪير ڪراچي جو امن تباهه ڪرڻ چاهي ٿي

هر انسان جي حياتي قيمتي آهي، جيڪڏهن ڪو قتل ٿيو آهي ته ان جي جاچ ٿيڻ گهرجي: جاري ڪيل بيان

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته ايم ڪيو ايم طرفان موٽ نه ملڻ تي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

پاڪستان ۾ موبائيل فونز جي تياري سان اڳهن ۾ گهٽتائي ايندي: عمر سيف

اسلام آباد (م د) آءِ ٽي واري نگران وفاقي وزير ڊاڪٽر عمر سيف چيو آهي ته پاڪستان ۾ موبائيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

بيجنگ: چيني صدر افغان سفير کان سفارتي دستاويز وٺي رهيو آهي

صادق آباد ۾ پرڏيهي سائيڪلسٽ کي ڇماٽ هڻندڙ اي ايس آءِ معطل

پرڏيهي سائيڪلسٽ ڪاوڙ ۾ اي ايس آءِ تي اسپري ڪري ڇڏيو هو: پوليس ترجمان

اڻ وڻندڙ رويي تي لاڳاپيل پوليس اهلڪار کي معطل ڪري محڪماڻي ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي

صادق آباد (م د) صادق آباد ۾ ڊي پي او پرڏيهي سائيڪلسٽ سان بري ورتاءُ تي اي ايس آءِ کي معطل ڪندي محڪماڻي ڪارروائي جو حڪم | جاري ڪري ڇڏيو. رحيم يار خان ۾ ڊي پي او رضوان عمر گوندل واقعي جي وضاحت ڪندي ٻڌايو ته/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

نگران وفاقي وزير مدد علي سنڌي سان پنجاب چيمبر آف ايجوڪيشن جي وفد جي ملاقات

چيمبر، حڪومت ۽ پرائيويٽ تعليمي شعبي وچ ۾ ويڇن کي گهٽ ڪرڻ ۾ مُک ڪردار ادا ڪيو آهي: مدد علي سنڌي

پنجاب چيمبر آف ايجوڪيشن اسڪول کان ٻاهر ٻارن جي انگ کي گهٽ ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي

اسلام آباد (م د) تعليم ۽ پيشورانه تربيت | بابت نگران وفاقي وزير مدد علي سنڌي سان | پنجاب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

يورپي يونين جي پاڪستان لاءِ وڏيڪ 100 ملين يورو گرانٽ سپورٽ جو اعلان

يورپي يونين جي سفير ۽ اقتصادي معاملن واري سيڪريٽري جون 5 گرانٽ معاهدن تي صحيحون

گرانٽ معاهدن جو مقصد ٻوڏ کان پوءِ پاڪستان جي لچڪ مضبوط ڪرڻ آهي

اسلام آباد (م د) يورپي يونين پاڪستان لاءِ وڌيڪ 100 ملين يورو گرانٽ سپورٽ جو اعلان | ڪري ڇڏيو. گرانٽ معاهدن جو مقصد ٻوڏ کان پوءِ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ملڪ ۾ ڪرنسي نوٽن جي نئين ڊيزائن لاءِ آرٽ مقابلي جو اعلان

7 مختلف ماليت جي نون ڪرنسي نوٽن جي سيريز کي ڊيزائن ڪري جاري ڪرڻ تي ڪم شروع

ڊيزائنرز ۽ شاگرد پنهنجا ڊيزائن ڪيل ڪرنسي نوٽ 11 مارچ 2024 تائين بئنڪ ويب سائيٽ تي جمع ڪرائي سگهندا

ڪراچي (رپورٽر) اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان | ملڪ ۾ ڪرنسي نوٽن جي نئين ڊيزائن لاءِ آرٽ | مقابلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

پي ڊي ايم حڪومت ۾ بدترين رينڪنگ ۾ بهتري سان پاڪستان 41 کان 48 نمبر تي آيو: ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل

180 ملڪن جي ڪرپشن انڊيڪس جاري، پاڪستان جي ڪرپشن ۾ گهٽتائي جو اسڪور 2 پوائنٽ وڌڻ بعد 27 کان 29 ٿي ويو

2023ع ۾ پاڪستان ۾ ڪرپشن ۾ گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي، مجموعي رينڪنگ ۾ به پاڪستان 140 مان 133 نمبر تي اچي ويو

پاڪستان ۾ گذريل سال ڪرپشن ۾ گهٽتائي سبب رينڪنگ ۾ ست درجا بهتري آئي: جاري ڪيل رپورٽ

پاڪستان ۾ گذريل سال ڪرپشن ۾ گهٽتائي سبب رينڪنگ ۾ ست درجا بهتري آئي آهي. | ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل 180 ملڪن جي ڪرپشن انڊيڪس جاري ڪري ڇڏي جنهن | موجب پاڪستان جي ڪرپشن ۾ گهٽتائي جو اسڪور 2/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

اسلام آباد: نگران گهرو وزير گوهر اعجاز سان سعودي سفير ملاقات ڪندي

بجلي صارفين تي 81 ارب 50 ڪروڙ جو وڌيڪ بار وجهڻ جون تياريون

ڪمپنين صارفين کان ڪيپسٽي چارجز جي مد ۾ 75 ارب 14 ڪروڙ روپيه وصول ڪرڻ جي درخواست ڏني

نقصانن جي مد ۾ 10 ارب 82 ڪروڙ روپيه وصول ڪرڻ جي درخواست داخل ڪئي، جيڪا 81 ارب 50 ڪروڙ بڻجي ٿي

نيپرا طرفان درخواست تي 14 فيبروري تي ٻڌڻي ڪئي ويندي، ته ماهي ايڊجسٽمنٽ کي اليڪٽرڪ صارفين تي به هوندو

اسلام آباد (م د) حڪومت بجلي صارفين تي 81 ارب 50 ڪروڙ جو وڌيڪ بار وجهڻ جون | تياريون شروع ڪري ڇڏيون آهن. آڪٽوبر کان ڊسمبر 2023 جي ٽه ماهي ايڊجسٽمنٽ جي | درخواست نيپرا ۾ جمع ڪرائي وئي آهي، ورج ڪندڙ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

اشتهاري کي چونڊ وڙهڻ کان نٿو روڪي سگهجي: سپريم ڪورٽ

اشتهاري هجڻ جو واسطو جوابدار جي ڪنهن ٻئي ڪيس يا معاملي سان نٿو جوڙي سگهجي

آئين ۾ اهڙي ڪا پابندي ناهي، جمهوري نظام ۾ عوام ووٽ ذريعي پنهنجي نمائندن تي ٻڌل حڪومت ٺاهيندو آهي

جمهوري معاشري جو روح پنهنجي پسند جي اميدوار کي آزادي سان ووٽ ڏيڻ آهي، عوام جي راءِ تي سوديبازي نٿي ڪري سگهجي

لاهور: وزيراعظم جو معاون حافظ طاهر اشرفي پريس ڪانفرنس ڪندي

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ آف پاڪستان قرار ڏنو آهي ته اشتهاري کي چونڊ وڙهڻ کان نٿو روڪي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

آزاد ڪشمير جي سياحت واري وزير جي گاڏي جي ٽڪر ۾ موٽر سائيڪل سوار فوت

مظفرآباد (م د) آزاد ڪشمير جي سياحت واري وزير فهيم رباني جي گاڏي سان ٽڪر ۾ موٽر سائيڪل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

اسرائيل غزا ۾ ناجائز يهودي وسندين جو منصوبو تيار ڪري ورتو

اسرائيل جي غزا ۾ واپسي جي عنوان سان ڪانفرنس، وزيرن ۽ پارليامينٽرين جي شرڪت

ڪانفرنس ۾ غزا ۾ 6 غير قانوني وسندين سميت 21 اڏاوتن جا نقشا پيش ڪيا ويا

تل ابيب (م د) اسرائيل غزا ۽ ٻين فلسطيني علائقن ۾ ناجائز يهودي وسندين جو نئون منصوبو تيار ڪري ورتو پرڏيهي خابرو اداري | موجب اسرائيل جي غزا ۾ واپسي جي عنوان سان هڪ ڪانفرنس رٿي وئي جنهن ۾ قومي سلامتي جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

غزه ۾ اسرائيلي فوج جا حملا جاري، وڌيڪ 215 فلسطيني شهيد

7 آڪٽوبر کان وٺي فلسطيني شهيدن جو انگ 26 هزار 637 ٿي ويو آهي

اسرائيلي حملن ۾ هينئر تائين 65 هزار 387 فلسطيني زخمي ٿي چڪا آهن

غزه (م د) غزه تي اسرائيلي فوج جا وحشيانه حملا جاري آهن. اسرائيلي بمباري سبب 24 ڪلاڪن دوران وڌيڪ 215 فلسطيني شهيد ٿي | ويا. پرڏيهي ميڊيا رپورٽن موجب اسرائيلي فوج اتر غزا ۾ گڏيل قومن جي رليف اينڊ ورڪ ايجنسي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

اردو ڳالهائيندڙ مائرن ٽيڪو ناهي ڪنيو ته اهي پنهنجي ٻارن جي لاشن تي ماتم ڪن: ڪرم الله وقاصي

جڏهن لاشن جي سياست ڪندڙن جي ميئرچارج سنڀالي ته عباسي شهيد اسپتال کي تباهي ڏانهن ڌڪيو ويو

پ جو نعرو عوامي راڄ ۽ خدمت آهي، ان ۾ سنڌي، مهاجر، پنجابي، سرائيڪي، بلوچي ۽ ٻيون ٻوليون ڳالهائڻ وارا شامل هوندا آهن

لاشن تي سياست ڪندڙ اڄ چون ٿا ته هي علائقا اسان جا آهن، جيڪو عوامي خدمت ڪندو اهو ئي عوام تي راڄ ڪندو

ڪراچي (م د) پ پ جي مرڪزي اڳواڻ ۽ ڪراچي جي ميئر جي سياسي معاملن بابت صلاحڪار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

سعودي عرب: سي سي ٽي وي رڪارڊنگ پبلڪ ڪرڻ غيرقانوني قرار، پڪڙجي ڪندڙن کي 20 هزار ريال ڏنڊ ڀرڻو پوندو

رياض (م د) سعودي عرب ۾ سي سي ٽي وي جي رڪارڊنگ پبلڪ ڪرڻ قانون جي خلاف قرار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير سميع سعيد تقريب ۾ ويٺل آهي

دادو جي ياسر پبلڪ هاءِ اسڪول جي برانچ 2 ۾ مڊٽرم ۾ ڪاميابي ماڻيندڙ شاگردن جي مان ۾ تقريب

هاءِ اسڪول جي برانچ 2 جي شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ مڊٽرم امتحان ۾ پوزيشن ماڻيندڙن جي لاءِ تقريب ٿي

پهرين کان اٺين ڪلاس جي پوزيشن ڪڻندڙ شاگردن ۾ ڪپ ۽ ميڊل انعام طور استادن جي هٿان ڏيارايا ويا

داد ڏيڻ جو مقصد ٻارڙن ۾ تعليمي ميدان ۾ اڳ ڀري ڊوڙ ڪرڻ ۾ دلچسپي ۽ شوق وڌائڻ آهي: واجد علي ملاح

دادو (رپورٽر: عزيزالله خاصخيلي) دادو جي ياسر پبلڪ هاءِ اسڪول جي برانچ II ۾ مڊٽرم ۾ ڪاميابي ماڻيندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ انعام ورهيا ويا . دادو جي ياسر پبلڪ هاءِ اسڪول جي برانچ 2 جي شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ مڊٽرم امتحان ۾ پهرين کان پنجي پوزيشن تي ڪاميابي ماڻيندڙ ٻارڙن ۾ انعام تقسيم ڪيا ويا پهرين کان اٺين ڪلاس جي پوزيشن ڪڻندڙ شاگردن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

دادو: نجي اسڪول ۾ امتحان ۾ پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن جو گروپ فوٽو

سرهاڙي پرسان يوسي حبيب الله
ڪيريو ۾ پيپلز پارٽي جي چونڊ مهم
دوران ڪارڪن شريڪ

سرهاڙي (رپورٽر) سرهاڙي پرسان يوسي حبيب الله ڪيريو ۾ پيپلز پارٽي جي چونڊ مهم دوران شاندار ريلي سوين گاڏين جي ريلي پوري يوسي جو ماحول وزيراعظم بلاول ڀٽو جي نعرن سان گونجي ويو شهدادپور جي پي ايس 44 جي نامزد ايم پي اي جي اميدوار شاهد خان ٿهيم ۽ اين اي 210 جي نامزد اميدوار صلاح الدين جتيجو جي پاءِ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

پ پ بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ پنهنجي جدوجهد کي جاري رکيو آهي: اعجاز بلوچ

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاڻ نئين سوچ کڻي عوام جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ نڪتو آهي

ڪيترائي وڏا ادارا قائم ڪيا آهن جن ۾ ڪيترين يونيورسٽيون، اسپتالون قائم ڪيو ويون آهن

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان پيپلزپارٽي جي سينئر اڳواڻ اعجاز بلوچ چيو آهي ته پاڪستان پيپلزپارٽي واحد جماعت آهي جنهن ملڪ جي عوام جا مسئلا حل ڪرڻ ۽ انهن کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ پنهنجي جدوجهد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

پ پ ۽ جي ڊي اي وٽ ماڻهن جي مسئلن جو حل موجود نه آهي: حريف چانڊيو

سنڌ جي عوام کي وطن دوست ماڻهن جي چونڊ ڪرڻي پوندي، عوام سان گڏ آهيون

هر اليڪشن جي دور ۾ اهڙا ڪرپٽ سا ڳيا چهرا سامهون اچن ٿا جيڪي ڪرپشن ڪن ٿا

ڪراچي (رپورٽر) پيپلز پارٽي يا جي ڊي اي ان پنهي جماعتن وٽ سنڌ جي ماڻهن جي مسئلن جو حل موجود نه آهي سنڌ جي عوام کي وطن دوست ماڻهن جي چونڊ ڪرڻي پوندي اهڙن خيالن جو اظهار عوامي جمهوري پارٽي جي مرڪزي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهروفيروز فاطميه فائونڊيشن بلڊ بئنڪ سول اسپتال ۾ ڪئمپ لڳائي وئي

انسٽيٽيوٽ نوشهرو فيروز جي تعاون سان مفت بلڊ ڊونيشن ڪئمپ لڳائي وئي

انسٽيٽيوٽ جي اڳواڻ علي اصغر ۽ سماجي اڳواڻ اعجاز ممنائي ۽ ٻين پاران شرڪت

نوشهروفيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) فاطميه فائونڊيشن بلڊ بئنڪ سول اسپتال نوشهرو فيروز ۾ پيراميڊيڪل انسٽيٽيوٽ نوشهرو فيروز جي تعاون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

نوشهروفيروز: سماجي تنظيم پاران مفت رت عطيو جي لڳايل ڪئمپ جو ڏيک

نوشهرو فيروز يونين ڪائونسل نت ڳوراهو جي معزز شخصيت پاران جلسو منعقد

پرويز علي ڳوراهو پيپلز پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪندڙ پاران ڳوٺ ۾ جلسو منعقد ڪيو ويو

پيپلز پارٽي اميدوار ممتاز علي چانڊيو، امجد علي چانڊيو محمد ٻڍل ملڪ محمد بخش چانڊيو شريڪ

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اميدوارن کي ووٽ ڏئي تير تي ٺپا هڻي ڪامياب ڪرائڻو آهي: اڳواڻن جون ڳالهيون

نوشهروفيروز (رپورٽر:منظور ملڪ) يونين ڪائونسل نت ڳوراهو جي معزز شخصيت پرويز علي ڳوراهو ڪجھ ڏينهن اڳ جي ڊي اي کي الوداع ڪري پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ شموليت اختيار ڪندڙ پاران سندس ڳوٺ ۾ جلسو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ اين اي 206 تي پاڪستان پيپلز پارٽي اميدوار ذوالفقار علي بهڻ پي ايس 34 تي پاڪستان پيپلز پارٽي اميدوار ممتاز علي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ملير جي قومي تڪ اين اي 229 تي مسلم ليگ
(ن) جي اميدوار جي حق ۾ جي يو آءِ جا
اميدوار هٽ ڪڻي ويا

ملير (د ر) ملير جي قومي تڪ اين اي 229 تي مسلم ليگ (ن) جي اميدوار قادر بخش ڪلمتي ۽ پي ايس 85 تي پير حفيظ الله جان سرهندي جي حق ۾ جمعيت علماء اسلام جا اميدوار هٽ ڪڻي ويا، جمعيت علماء اسلام جي اڳواڻ قاري حمدالله حقاني (ن) ليگ اميدوار قادر بخش ڪلمتي سان گڏ ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ملير ۾ پريس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

نوشهروفيروز: پ پ اڳواڻ ڪارنر گڏجاڻي ۾ شريڪ آهن

شڪارپور ۾ پ پ اميدوار شهريار مهر جي ورڪ تيزي سان جاري، ڪارڪنن سان گڏجاڻيون

ميمڻ برادري، منگي برادري توڙي ڀوڙ برادري طرفان سنڌس مان ۾ زبردست ڪارنر گڏجاڻين ڪيون

تڪ جي چڱن مڙسن حاجي ڏتي بخش ميمڻ ۽ ڊاڪٽر نديم ميمڻ جي ميزباني ۾ پروگرام ڪيو ويو

مان واپاري اڳواڻ حاجي ڏتي بخش ميمڻ ۽ ڊاڪٽر نديم ميمڻ جو شڪرگذار آهيان: شهريار مهر

شڪارپور (رپورٽر: عبدالخالق سومرو) پ پ جي اميدوار شهريار مهر جي ورڪ تيزي سان جاري، خبرموجب: شڪارپور ۾ اليڪشن سرگرميون تيزي سان جاري آهي. اين اي 193 جي پ پ اميدوار شهريار مهر پاران ڀوڙ برادري طرفان سنڌس مان ۾ زبردست ڪارنر گڏجاڻين جو سلسلو جاري آهي. شڪارپور تمام وڏي ميمڻ برادري، منگي برادري پروگرام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

شڪارپور ڪربلا معلي امام بارگاهه ۾ 9 سال اڳ بم ڌماڪي جي 65 شهيدن کي پيٽا پيش

خانپور شهر کان شڪارپور لکيدر چوڪ تائين مجلس وحدت المسلمين پاران ريلي ڪڍي وئي

اصغر علي سيتار جي اڳواڻيءَ ۾ پيادل قافلو شريڪ پيادل قافلي ۾ پڪا پوڙها، ٻارڙا پڻ شريڪ ٿيا

دهشتگردي جا اڏا آهن، ڏاڍيل راڄ عروج تي آهي، آپريشن ضرب جو ڍونگ رچايو ويو آهي: مقصود ڊومڪي

خانپور (رپورٽر: عتيق ابڙو) شڪارپور شهر ڪربلا معلي امام بارگاهه ۾ 9 سال اڳ جمعي نماز دوران ٿيل بم ڌماڪي ۾ 65 شهيدن کي پيٽا پيش ڪرڻ لاءِ خانپور شهر کان شڪارپور لکيدر چوڪ تائين مجلس وحدت المسلمين پاران ريلي ڪڍي وئي. شڪارپور صدر اصغر علي سيتار جي اڳواڻيءَ ۾ پيادل قافلو شريڪ پيادل قافلي ۾ پڪا پوڙها، ٻارڙا پڻ شريڪ ٿيا. مرڪزي اڳواڻ علامه مقصود ڊومڪي ۽ ضلع /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

پي ايس 97 تي پاڪستان پيپلز پارٽي جي اميدوار بشير احمد بروهي پاران دورا

تڪ ۾ ترقياتي ڪم ڪرائڻ سان گڏ تعليم صحت لاءِ وڌيڪ جدوجهد ڪندس: اميدوار

ملڪ ۾ پ پ جا اميدوار ڪامياب ٿيندا ۽ بلاول ڀٽو زرداري ملڪ جو نوجوان وزيراعظم ٿيندو

ڪراچي (رپورٽر) پي ايس 97 تي پاڪستان پيپلز پارٽي جي اميدوار بشير احمد بروهي تڪ ۾ چونڊ سرگرمين تيز ڪري ميڙاڪن ۽ اجهاڻن ڪي. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

بينظير ڀٽو جي نياڻي آصفه ڀٽو زرداري دوري تي بدين پهتي، ڪارڪنن پاران شاندار آجيان

سڪندر منڊرو جي رهائش گاهه تي پارٽي اڳواڻن سان گڏجاڻي ڪرڻ کانپوءِ شاهنواز چوڪ پهتي

منشور پيش ڪيو آهي جنهن تحت علاج جون بهترين سهوليتون مهيا ڪيون وينديون: آصفه ڀٽو زرداري

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) شهيد بينظير ڀٽو جي نياڻي آصفه ڀٽو زرداري گذريل ڏينهن مختصر دوري تي بدين پهتي ته سنڌس ڪارو گونگرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

پ پ سٽي ٽنڊو ديرو طرفان قومي تڪ اين اي 194 تي اليڪشن مهم جي سلسلي ۾ جلسو

جلسي ۾ ٽنڊو ديرو جي پارٽي اڳواڻن، عهديدارن، جيالن ورڪرن ۽ شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي

رميش لال، اعجاز احمد لغاري، سردار آغا علي نواز جلباڻي، نثار محمد مراد ڀٽو، عبدالغفور لغاري شريڪ ٿيا

ٽنڊو ديرو (رپورٽ شاهه محمود ڀٽو) پ پ سٽي ٽنڊو ديرو طرفان قومي تڪ اين اي 194 تي پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ صوبائي تڪ پي ايس 10 تي پ پ ليڊيز ونگ جي مرڪزي صدر فريال ٽالپر جي اليڪشن مهم جي سلسلي ۾ ريسٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

خيرپور ناٿن شاهه ۾ پيپلز پارٽي جي سپورٽرن پاران جنرل اليڪشن جي حوالي سان ڪارنر گڏجاڻي

مشتاق چانڊيو ۽ ٻين پاران شهباز ڪالوني چانڊيا چونڪ ۾ اليڪشن جي حوالي سان ڪارنر گڏجاڻي رکي وئي

ايم اين اي اميدوار عرفان ظفر لغاري، قمبر خان لغاري ڊاڪٽر طلعت مهيسر ۽ ٻين ڪارنر گڏجاڻي ۾ شرڪت ڪئي

پ پ اين اي 227 ايم اين اي اميدوار عرفان ظفر لغاري کي سينيئر وڪيل مشتاق علي چانڊيو پاران پڳ پارائي وئي

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽر: برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاهه ۾ پيپلز پارٽي جي سپورٽرن سينيئر وڪيل مشتاق علي چانڊيو، وڪيل راشد چانڊيو، وڪيل عاشق لغاري ۽ رياض چانڊيو پاران شهباز ڪالوني چانڊيا چونڪ ۾ جنرل اليڪشن جي حوالي سان ڪارنر گڏجاڻي رکي وئي جنهن ۾ پيپلز پارٽي جي اڳواڻن پي ايس 80 خيرپور ناٿن شاهه جي اميدوار ايم پي اي انجنيئر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ڪي اين شاهه: پ پ اڳواڻ ڪارنر گڏجاڻي ۾ شريڪ آهن

ڪيبر لڳ ڳوٺ مينهون ماڇي ۾
پيپلزپارٽي اڳواڻ جي مان ۾
ڪارنر گڏجاڻي منعقد

متياري (رپورٽر:) ڪيبرلڳ ڳوٺ مينهون ماڇي ۾ پيپلزپارٽي اڳواڻ رئيس آخوند عبداللطيف صديقي جي مان ۾ ڪارنر گڏجاڻي رکي وئي ڪيبرلڳ ڳوٺ مينهون ماڇي ۾ پيپلزپارٽي اڳواڻ رئيس آخوند عبداللطيف صديقي جي مان ۾ ڪارنر گڏجاڻي رکي وئي ڪارنر گڏجاڻي جي اڳواڻي گلشير سولنگي، علي شير سولنگي، ذوالفقار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

بينظير ڀٽو جي قربانين جي ڪري جمهوريت جو نظام رائج ٿيل آهي: سيد نويد قمر

عوام چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي وزيراعظم بڻائي نئين تقدير جي شروعات ڪندو

مستقبل کي روشن ڪرڻ لاءِ پيپلز پارٽي کي پنهنجي قومي پارٽي جو درجو ڏنو آهي

سياست ۾ شروعات اڄ کان پيپلز پارٽي ۾ شموليت سان شروع ٿي آهي: پير ضيا نبي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽر) قومي تڪ اين اي 221 جي پ پ اميدوار اڳوڻي وفاقي وزير سيد نويد قمر چيو آهي ته 8 فيبروري تي عوام تير تي ٺپا هڻي ملڪ جي اندر ڀهرين پيرو نوجوان باصلاحيت پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي وزيراعظم بڻائي ملڪ جي نئين تقدير جي شروعات ڪندو. اهڙو اظهار هن ٽنڊو محمد خان جي شهيد بابا پرسان پير ضياءِ نبي جان سرهندي طرفان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ٽنڊو محمد خان: پ پ اڳواڻ سيد نويد قمر جلسي کي خطاب ڪري رهيو آهي

ٽنڊو محمد خان جي شوڪت ڪالوني ۾ گهر تي حملي ۾ ملوث جوابدارن خلاف احتجاج

شوڪت ڪالوني جي رهواسي صدام حسين خاصخيلي ۽ سندس پيرسن امڙ احتجاج ڪيو

بااثر ماڻهن صادق ملاح، رجب ملاح، زبير ملاح، عبدالستار خاصخيلي گهر تي ڪاهه ڪئي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽر) ٽنڊو محمد خان جي شوڪت ڪالوني ۾ گهر تي حملي مارڪيٽ تشدد جي واقعي ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو ويو آهي . اهڙو اظهار ٽنڊو محمد خان شهر جي شوڪت ڪالوني جي رهواسي صدام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

8 فيبروري تي عوام عمران خان جي اميدوارن کي ڪامياب ڪري: شبانه نواب

عوام عمران خان جا هٿ مضبوط ڪري، مخالفن وٽ ڪا به عوام لاءِ ايجنڊا نه آهي

سنڌ کي تباهه ڪندڙن جي احتساب جو وقت اچي ويو آهي نوجوان سجاڳ ٿي چڪا آهن

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) اليڪشن جي ڏينهن 8 فيبروري تي عوام خان صاحب جي دادو ضلعي ۾ حمايت يافته اميدوارن کي ڪامياب ڪري عمران خان جا هٿ مضبوط ڪري، مخالفن وٽ ڪا به عوام لاءِ ايجنڊا نه آهي. اسان عوامي سياست /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نه ٿيا، احتجاجي مظاهرو

يونين آف جرنلسٽ پاران صدر امداد بوزدار جي اڳواڻي ۾ سکر پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪيو ويو

سيد احقر شاهه، شهزاد تاباڻي، سليم سهتو، عمر سومرو جلال الدين ڀيو، جهانزيب وسير، اظهر دايو شريڪ ٿيا

ابراهيم سومراڻي، نعيم غوري، اصغر علي عباسي نادر سنجراڻي، عقيل قريشي، اسلم دايو، نديم قريشي شامل هئا

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نه ٿيا، صحافين جي احتجاجي تحريڪ جاري، قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت تعريبازي ڪئي وئي سکر يونين آف جرنلسٽ پاران صدر امداد بوزدار جي اڳواڻي ۾ سکر پريس ڪلب اڳيان 170 اهين ڏينهن به احتجاجي تحريڪ جاري رکندي اڳاري ڏينهن احتجاجي علامتي بک هڙتال جو سلسلو جاري رکيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ايس ايس پي دادو جي صدارت ۾ ڊپارٽمينٽل پروموشن ڪميٽي جو اجلاس منعقد

تاريخ ۾ پهريون ڀيرو 390 سپاهين کي ترقي ڏئي هيڊ ڪانسٽيبل جي عهدي تي ترقي

پروموشن ڪميٽي آڏو پيش ٿيندڙ پوليس اهلڪارن جي سروس شيٽ ۽ گهربل اهليت جو جائزو ورتو

دادو (رپورٽر عزيزالله خاصخيلي) دادو پوليس جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو هڪ ئي وقت 390 سپاهين کي ترقي ڏئي هيڊ ڪانسٽيبل جي عهدي تي پروموٽ ڪيو ويو آهي. آءِ جي سنڌ پوليس رفعت مختار راجا ۽ ڊي آءِ جي حيدرآباد رينج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ڪراچي ۾ پي ايس 98 تي جماعت اسلامي جي اميدوارن پاران علائقي ۾ ڪارنر گڏجاڻيون

انشا الله 8 فيبروري جو سج سوڀارو ٿيندو، اقتدار جا بکيا ناهيون اسانجو ڪم انسان خدمت آهي: اڳواڻ

جماعت مان هر ڪو واقف آهي ته اسين ماضي ۾ برسات ٻوڏ متاثرين وقت ڪيترو ساٿ ڏنو: ميڊيا سان ڳالهيون

اميدوار حماد ڀٽو ۽ قومي اسيمبلي جي اميدوار ڊاڪٽر معراج الهدي پاران مختلف علائقن ۾ آفيسن جو افتتاح ڪيو

ڪراچي (رپورٽ باغي ساگر پهنوار) پي ايس 98 تي جماعت اسلامي جي اميدوارن پاران علائقي ۾ ڪارنر گڏجاڻيون ۽ مختلف علائقن ۾ آفيس کوليا ويا انشا الله 8 فيبروري جو سج سوڀارو ٿيندو اسين اقتدار جا بکيا ناهيون اسانجو ڪم انسان خدمت آهي حماد الله ڀٽو خبر موجب ڪراچي پي ايس 98 تي صوبائي اسيمبلي جي اميدوار حماد ڀٽو ۽ قومي اسيمبلي جي اميدوار ڊاڪٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

پي ايس 76 ساڪرو تي پ پ اميدوار علي حسن زرداريءَ جي مان ۾ آجياڻو فراهم

گهارو يوسي ڏاڀيجي يوسي چونڊي يوسي گجو جي مختلف علائقن ۾ چونڊ سرگرميون تيز

پ پ جي قيادت پي ايس 76 تي ٽڪيٽ ڏيئي اوهانجي خدمت جو موقعو ڏنو: علي حسن زرداري

گهارو (رپورٽر: بشام جوکيو) پي ايس 76 ۾ پ پ اميدوارن چونڊ سرگرميون زور شور سان جاري آهن. ميرپور ساڪرو جي پي ايس 76 تي پ پ جي نامزد اميدوار اڳوڻي ايم پي اي علي حسن زرداري ۽ اين اي 225 جي صادق علي ميمڻ جي مان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

نوشهرو فيروز ۾ گيڙه گجو ڳوٺ راول سولنگي جي ڳوٺاڻن جي اهم گڏجاڻي، اڳواڻن پاران شرڪت

پ پ جو ورڪر طالب حسين سولنگي پيپلز پارٽي کان مايوس ٿي پرويز احمد سولنگي سان گڏجي ويو

هن مهل تائين اسان کي نظرانداز ڪيو ويو آهي آيل سيلاب ۾ اسان جا گهر مال متاهه لڙهي ويو هيو: طالب حسين

چونڊيل نمائيدو نه ٿو اچي پلي نه اچي اسان اليڪشن کان بائيڪاٽ ڪري گهرن ويهي ڪارو ڏينهن طور ملهائينداسين

نوشهروفيروز (رپورٽر) ڳوٺ جو شعور جاڳي پيو ضلع نوشهروفيروز گيڙه گجو ڳوٺ راول سولنگي جي ڳوٺاڻن جي اهم گڏجاڻي ٿي ڳوٺ جا وڏا گڏجي پاڻ ۾ هڪ ٿي ويا جنهن ۾ پيپلز پارٽي جو ورڪر طالب حسين سولنگي پيپلز پارٽي کان مايوس ٿي اڳوڻو PTi ڪائونسلر پرويز احمد سولنگي سان گڏجي اتحادي ٿي ويو ڳوٺ جي وڏن جنهن ۾ سانول سولنگي طالب حسين سولنگي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

نوشهروفيروز: ڳوٺ راول سولنگي ۾ ڳوٺاڻن پاران ڪوٺايل گڏجاڻي جو ڏيک

ماتلي ۾ اليڪشن 8 فيبروري
2024 ع اليڪشن جي حوالي سان
ڪارنر گڏجاڻيون

ماتلي (رپورٽر:) ماتلي ۾ اليڪشن 8 فيبروري 2024 ع اليڪشن جي حوالي سان پيپلزپارٽي پاران نامزد اميدوارن جا ماتلي سٽي جي مختلف پاڙن ۾ ڪارنر گڏجاڻيون تفصيل موجب ماتلي ۾ 8 فيبروري 2024 ع تي اليڪشن جي حوالي سان اين اي 222 ۽ پي ايس 68 تي پيپلزپارٽي پاران نامزد اميدوارن مير غلام علي ٽالپر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

نڪرانو ويجهو ڳوٺ سانوڻ سوڍڙو جي بوائز پرائمري اسڪول ۾ سهولتن جي اڻهوند خلاف احتجاج

استاد جو ڳوٺاڻن ۽ شاگردن سان گڏ احتجاج. اسڪول جي بلڊنگ زبون ٿي چڪي آهي: مظاهرين

تعليم کاتي ۾ ايمرجنسي لاڳو هئڻ باوجود بوائز پرائمري اسڪول ۾ سهولتن جي شديد کوٽ آهي

مرمتي ڪم لاءِ ڪيترائي ڀيرا درخواستون ڪيون آهن پر ان باوجود اسڪول ڏانهن ڌيان نه پيو ڏنو وڃي

نڪرانو (ن سنڌيار) نڪرانو ويجهو ڳوٺ سانوڻ سوڍڙو جي بوائز پرائمري اسڪول ۾ سهولتن جي اڻهوند خلاف استاد جو ڳوٺاڻن ۽ شاگردن سان گڏ احتجاج اسڪول جي بلڊنگ زبون ٿي چڪي آهي فرنيچر جي سخت کوٽ سميت بنيادي سهولتون مهيا ڪيون وڃن اعليٰ اختيارين کان مطالبو رپورٽ موجب نڪرانو ويجهو ڳوٺ سانوڻ سوڍڙو جي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ڊي آءِ جي حيدرآباد پاران متياري
ضلعي جو دورو، عام چونڊن ۾ امن امان
بابت اهم اجلاس

متياري (رپورٽر:) متياري: ڊي آءِ جي حيدرآباد رينج طارق رزاق ڌاريجو متياري ضلعي جو دورو ڪيو ۽ 2024 ع جي عام چونڊن ۾ امن امان بابت اهم اجلاس ڪيو. ايس ايس پي متياري سيد علي اصغر شاهه ڊي آءِ جي حيدرآباد رينج طارق رزاق ڌاريجو جو استقبال ڪيو. اجلاس ۾ ايس ايس پي متياري سيد علي اصغر شاهه، متياري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

نڪرانو: ڳوٺ سانوڻ سوڍڙو واسي اسڪول ۾ سهولتون نه هجڻ خلاف احتجاج ڪندي

پيپلز لائير فورم سنڌ جي نائب صدر اشفاق احمد تگڙ جي صدارت هيٺ گڏجاڻي منعقد

اليڪشن ۾ بيلٽ پي پي جي اميدوارن جي ڀرپور نموني سان مدد ڪئي ويندي: اشفاق احمد

اڄ کان نوشهروفيروز جي مختلف شهرن ۽ ڳوٺن ۾ پي پي اميدوارن جي ورڪ شروع ڪئي ويندي

نوشهروفيروز (رپورٽر:منظور ملڪ) پيپلز لائير فورم سنڌ جي نائب صدر اشفاق احمد تگڙ جي صدارت هيٺ ڊسٽرڪٽ بار نوشهروفيروز روم ۾ ميٽنگ ٿي گڏجاڻي ميٽنگ ۾ اڳواڻن پاران فيصلو ڪيو ويو ته نوشهرو فيروز ضلعي ۾ 2 قومي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ريلويز سمپارس يونين سکر ڊويزن جي سال 2004.25 جي عهديدارن جي چونڊ

ريلوي اسٽيشن تي چونڊ اجلاس مرڪزي چيف آرگنائيزر جي صدارت هيٺ ٿي گذريو

متفق طور تي دانا علي گهمرو کي سرپرست اعلي، محمد رفيق کي ڊويزنل صدر چونڊيو ويو

سکر (رپورٽر امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان ريلويز سمپارس يونين سکر ڊويزن جي سال 2004.25 جي عهديدارن جي چونڊ جي سلسلي ۾ سکر ريلوي اسٽيشن تي چونڊ اجلاس مرڪزي چيف آرگنائيزر عبدالخالق مهر جي صدارت هيٺ ٿي گذريو جنهن ۾ اليڪشن ڪميشن جون ڊميواريون ريٽائرڊ اسٽيشن ماسٽر نعمت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

سکر: ريلوي اسٽيشن تي ڪوٺايل چونڊ اجلاس ۾ عهديدار شريڪ آهن

حسن محي الدين قادري 22 فيبروري تي ڏهن ڏينهن جي تنظيمي دوري تي پهچندو

مختلف تقريبن ۽ پروگرامن ۾ شرڪت ڪرڻ سان گڏ اهم ملاقاتون پڻ ڪندو: خرم نواز گنڊاپور

سيف الله ڀنگر، شيخ عبدالعزيز قاسمي، سيد مبشر شاهه ۽ ڊويزنل ڪوآرڊينيٽرن خاص طور شريڪ ٿيا

چيئرمين سپريم ڪائونسل سيوهڻ شريف ۾ اسلامڪ سينٽر جي پيڙهه جو پٿر پڻ رکندو: ميڊيا کي آگاهي

شهدادڪوٽ (شاهد اعوان) منهاج القرآن انٽرنيشنل جي مرڪزي ناظم اعلا خرم نواز گنڊاپور چيو آهي ته چيئرمين سپريم ڪائونسل منهاج القرآن انٽرنيشنل پروفيسر ڊاڪٽر حسن محي الدين قادري 22 فيبروري تي سنڌ جي ڏهن ڏينهن جي تنظيمي دوري تي پهچندو، هو مختلف تقريبن ۽ پروگرامن ۾ شرڪت ڪرڻ سان گڏ اهم ملاقاتون پڻ ڪندو تحريڪ جا ڪارڪن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

شهيد اڳواڻن جي عوامي خدمت واري منشور تي عمل ڪندا رهنداسين: نعمان اسلام شيخ

پ پ جا نمائندا هميشه پنهنجي شهيد اڳواڻن جي عوامي خدمت واري منشور تي عمل ڪندا رهندا

جلال ڀٽي، سهيل شيخ، ظهير خان، قيوم خان، سڪندر ملڪ، اشفاق ملڪ، رياض ميمڻ پڻ موجود هئا

عبدالجبار مراد خان علي ابراهيم خان، سليم خان شفيق ملڪ حسيب خان، دانش خان ۽ ٻين شرڪت ڪئي

سکر (رپورٽر امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي تڪ اين اي 200 جي نامزد اميدوار نعمان اسلام شيخ ۽ تڪ پي ايس 25 سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته 8 فيبروري تير جي نشان جو ڏينهن آهي ۽ عوام پنهنجي طاقت سان مخالفن جي چالاڪين کي منهن ٽوڙ جواب ڏيندو پ پ جا نمائندا هميشه پنهنجي شهيد اڳواڻن جي عوامي خدمت واري منشور تي عمل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

خيرپور ناٿن شاهه ۾ اليڪشن عوامي ورڪ مهم، ڳوٺ ستائي چانڊيا ۾ گڏجاڻي جلسي ۾ تبديل

چوڙ قمبر ڳوٺ ستائي چانڊيا جي ڪارنر گڏجاڻي عوامي جلسي ۾ تبديل ٿي وئي، سوين ڪارڪن شريڪ

جلسي ۾ پ پ اڳواڻ عمران ظفر لغاري جي اڳواڻي ۾ جنرل اليڪشن عوامي ورڪ مهم بابت آگاهي ڏني

حسين خان چانڊيو، علي اصغر آرائين، ڊاڪٽر خليل سڪندر ڪوهارو، ميان غلام حيدر عباسي ۽ ٻين پاران آگاهي

خيرپور ناٿن شاهه (رپورٽر: برڪت علي چانڊيو) جنرل اليڪشن عوامي ورڪ مهم. يوسي چوڙ قمبر / ڳوٺ ستائي چانڊيو، ڳوٺ ستائي چانڊيا ۾ ڪارنر گڏجاڻي عوامي جلسي ۾ تبديل، سوين ماڻهن جي شرڪت، جيئي ڀٽو جا نعرا، تفصيل موجب، خيرپور ناٿن شاهه جي يوسي چوڙ قمبر ڳوٺ ستائي چانڊيا جي ڪارنر گڏجاڻي عوامي جلسي ۾ تبديل، سوين ماڻهن جي شرڪت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ڪي اين شاهه: پ پ اڳواڻ عام چونڊن جي سلسلي ۾ ڳوٺاڻن سان ملاقات ڪري رهيا آهن

نوشهرو فيروز ۾ فوتي پوليس اهلڪار جي گهرڀاتين جي احتجاج بعد ٽيم پهتي

نوشهرو فيروز (رپورٽر:منظور ملڪ) نوشهرو فيروز جي مرحوم پوليس اهلڪار موسيٰ مگسي جو گهروار پاران ايس ايس پي آفيس جي ڪلارڪ سليم چانڊيو پاران چيڪ وٺي نيشنل بئنڪ ۽ ٽريزري وارن جي ملي ڀڳت سان لون ڪيرائڻ تي احتجاج ڪان پوءِ ايس ايس پي نوشهرو فيروز سهائي عزيز پاران نوٽيس وٺڻ ڪانپوءِ پوليس ٽيم شوڪت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سکر ۾ پي ٽي آءِ جي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن پاران پ پ ۾ شموليت لاءِ پروگرام

ڪارڪن تحريڪ انصاف کي الوداع ڪري پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿي ويا

زيرڪ شاهه اڳوڻو ايم پي اي اڪرام الله خان ڌاريجو سيد شاهد شاهه امير علي شاهه موجود هئا

سکر (رپورٽر امداد علي گل ڪلوڙ) پي ٽي آءِ جا ڪارڪنن ۽ اڳواڻن جو پ پ ۾ شموليت لاءِ ديهاڙو سکر پرسان سنگرار واري علائقي جي چاليهه ڳوٺن جي وڏيرو حسين بخش ڦلپوٽو سيد زيرڪ شاهه جي موجودگي ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف کي الوداع ڪري پاڪستان پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿي ويو اڳوڻو ايم پي اي اڪرام الله خان ڌاريجو سيد شاهد شاهه امير علي شاهه سيد رزاق علي شاهه جي موجودگي ۾ سيدن کي ڀيارو ٿيڻ بعد حسين بخش ڦلپوٽو چيو آهي ته رستو پلي ويا هئا سون هاڻي سڌي رستي تي گهر موٽي آيا آهيون اسانجو جيءُ مرڻ هاڻي پ پ ۽ سيد اهلبيتن سان هوندو پ پ کي ووٽ ڏئي پ پ جي اميدوارن کي ڪامياب ڪرائيندا سون

حر جماعت هن وقت به حق
سچ جي راهه تي گامزن آهن:
قادر بخش مگريو

ٽنڊو باگو (رفاقت جروار) ٽنڊو باگو ۾ مرزا هائوس تي جي ڊي اي جو ورڪرس ڪنوينشن منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ بدين ضلعي جي ٻن قومي ۽ پنجن صوبائي تڪن تي بدين جي ڊي اي جي اميدوارن شرڪت ڪئي تقريب ۾ خطاب ڪندي خليفي قادر بخش مگريءَ چيو ته لاڙ ۾ وڏي تعداد ۾ پير پاڳاري جا مريد رهن ٿا روحاني /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

سکر: پ پ ۾ شموليت ڪندڙ دعا گهري رهيا آهن

شادي لارج جي 15 بيروزگار نوجوان کان نوڪرين جي بهاني 15 لک روپيا وٺڻ جو انڪشاف

مير حسن، نور محمد، محمد موسي، جليل مولابخش علي حسن عبدالستار ۽ ٻين احتجاج ڪيو

چيو ويو ته آبپاشي کاتي ۾ پارٽي عهديدارن کي نوڪرين جي ڪوٽا ملي پر اهي پيسن کان بنا نه ملنديون

بدين (رپورٽر مرتضي ميمڻ) بدين شادي لارج جا 15 بيروزگار نوجوان کان نوڪرين جي بهاني 15 لک روپيا ورتا ويا جن کي اجا تائين نوڪرين جا آرڊر نه مليا آهن نوجوانن جو نيشنل پريس ڪلب تي احتجاج ۽ پريس ڪانفرنس تفصيل مطابق /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اربع 31 جنوري 2024ع

حساس پولنگ اسٽيشنن ۽ سيڪيورٽي جا اُپٽارا انتظام

اسان جي ملڪ ۾ اليڪشن ۾ جنگ وانگر وڙهي ويندي آهي، ان ڪري هتي عام چونڊون هجن يا مڪاني چونڊون، رتوڇاڻ جا واقعا مشاهدي ۾ ايندا رهيا آهن. جنهن جو سبب اسان وٽ چونڊن جي حوالي سان موجود تصور آهي ته "هر صورت" [illegible]

[illegible]

[illegible] سموريون انتظامي توانايون ۽ وسيلا خرچ ڪري سيڪيورٽي جا بهتر انتظام ڪيا وڃن. حساس ۽ انتهائي حساس پولنگ اسٽيشنن تي وڌيڪ ڌيان ڏنو وڃي. هتي اسان اُميدوارن کي پڻ اهو چوڻ جي ضرورت ٿا محسوس ڪريون ته اهي سياسي سهپ جو مظاهرو ڪن ۽ پنهنجي ڪارڪنن کي به اهڙي تلقين ڪن ته جيئن چونڊن جو عمل پرامن ماحول ۾ مڪمل ٿي سگهي.

ڇا عوام اليڪشن ۾ تبديلي آڻڻ جي قابل آهي؟

حسين آزاد

جيڪڏهن ساڏي سوڏي سوچ رکجي ته اليڪشن ۾ عوام چاهي ته هر قسم جي تبديلي آڻڻ لاءِ اهل آهي ڇاڪاڻ ته ووٽ بيلٽ باڪس وجهڻ ۾ اڏي ڏڪائي نه آهي ۽ ڪنهن به مشڪل کان سواءِ دٻي ۾ ووٽ پئي سگهي ٿو پر جيڪڏهن وڏيرڪي پريشر جي ڳالهه ڪجي ۽ عوام جي اهليت ۽ قابليت لاءِ جي داخلي ۽ خارجي پاسن کي ڏٺو وڃي ته عوام خصوصن سنڌ ۾ اڄ تائين ان جي اهل نه ٿي ڏسڻ ۾ اچي اها ئي ڳالهه آهي ته انسان حالتن جو پيدا ٿيندڙ لقائن واقعن تي انحصار رکي ٿو ۽ سندس خواهشن جي ابتڙ حالتن جي وهڪري ۾ وهي هلندو آهي پر اهڙي حالت سنڌ جي وڏيرائي ۽ سرداري راڄ ۾ پيدا نه ٿي آهي جنهن سان اهڙو ڪو نوس اظهار ڪري سگهجي ته عوام هاڻ مڪمل پنهنجي ووٽ ڏيڻ ۾ آزاد آهي چاهي ماضي ۾ حالتون عوام جي ڪيترو نه مخالف ۽ اذيت ناڪ ٿي گذريون هجن عوام ووٽ جي آزادي سان ڏي ته ان کي عوامي جمهوريت چئبو آهي وڏيرڪي سياست جو مقابلو سنڌ جو عام ماڻهو خصوصن ٻهراڙي سان تعلق رکندڙ مان اڪثريت جي قابل ئي نه آهن ته پوتارڪي مڪر ۽ ڦرلٽ کي سمجهي سگهن ۽ ان جي ظلم اڳيان ڪو زبردست مذاحمت جو اظهار ڪري سگهن جيتوڻيڪ هن پ پ پ ۽ مسلم ليگ توڙي پي ٽي آءِ جي گذريل حڪومت جي ناقص ڪارڪردگي ۽ پوتارڪي ڦرلٽ ۽ ڪاموراشاهي جي ڪرپشن سيني جي سامهون آهي سنڌ ۾ ماڻهو پ پ پ جي اميدوارن کان سوال ڪن ٿا ۽ ڪائين پنهنجي روڊن رستن، اسڪولن، اسپتالن، ٻوڏن ۾ تباهي ٿيندڙ امداد جو مال هڙپ ڪرڻ تي پڇا ڪن ٿا پر اهو تمام ٿوري تعداد ۾ ٿي رهيو آهي اهو به ان پوتار سان جو عوام سان لاڳاپي ۾ تمام گهٽ رهيو آهي پر ٻئي پاسي ساڳيان پوتار ساڳيان ماڻهون ۽ ساڳيون لنگيون پٽڪا نعرا جهومريون لڳن پيون، جنهن مان يقينن اهو اندازو ٿي سگهي ٿو ته عام ماڻهو جي ذهنن تي اڃان به پوتار ۽ اهو اقتدار چانيل آهي جيڪو ماضي ۾ هو ڏسندو آيو آهي ان جا سبب هي آهن جو عوام مسلسل اقتدار ۾ ڪجهه خاندانن کي ڏسندو آيو آهي ۽ اهي ان جي برتري جا قائل ٿي چڪا آهن، سندن ذهنن ۾ وڏيرن پوتارن کانسواءِ باقي ماڻهو قبول ئي نٿا پون سندن نسل در نسل غلامي ڪندي ۽ تابع رهندي ڪين پنهنجي وجود جي اهميت ۽ سندس خانداني حيثيت تمام هيٺاهين سطح جي لڳي ٿي، اهي ان ڪمتري مان اڄ تائين ٻاهر نه نڪري سگهيا آهن ان کان سواءِ مڊل ڪلاس عدم تحفظ جو شڪار آهي ۽ پنهنجي ڪليل اظهار کان خائف آهي ۽ پنهنجي عزت ملڪيت خاطر پوتار سان رام رام چڱي ڪري پيو، سندس شان ۾ پارٽيئون

لذيذ تام، ڪاڏا ڪارائي رهيو آهي ۽ ميٽينگون ڪندي ڪاٿن اڻ سڏي طرح گهر گهر ڪري رهيو آهي ته اسان هن خوشامند صدقي توهان ڪان جان مال جي تحفظ جي گهر ڪريو ٿا پورهيت ۽ هاري يا ننڍو زميندار جنهن جو ٻهراڙي سان تعلق آهي اهو پنهنجو پاڻ کي پوتار جي آشرواد کان سواءِ غير محفوظ سمجهي ٿو ڇاڪاڻ اقتدار ماضي ۾ ڪهڙي به طرح انهن ساڳين پوتارن جي هٿ ۾ رهيو آهي جيڪي هن وقت اليڪشن ۾ بيٺل آهي ۽ سندن اقتدار جي دور ۾ هو عوامي هر اداري تي غالب رهيا آهن جنهن سان نوڪر شاهي سندن اشارن تي ئي هر ماڻهو سان اهو ورتاءُ ڪيو آهي جيئن پوتار چاهيندو هجي تنهنڪري اهو پورهيت ماڻهو پنهنجي گذر، امن امان، جي زندگي خيرات وٺڻ، ۽ بي نظير انڪم سپورٽ پروگرام جي قسط جي آڌار ڪري ۽ ڪهڙي به حالت ۾ پوتار جو حامي لڳي ٿو لڳي به ڪيئن نه ڇاڪاڻ ماضي ۾ جن به پوتار کي اليڪشن ۾ انڪار ڪيو آهي اهو بليڪ لسٽ تي چڙهي ويو آهي ۽ اقتدار ايندي ئي ان ويچاري سان جا جٽ ڪئي ويئي آهي ان وقت ئي توبه ڪري ڇڏي هئي ته بس پنهنجي عزت ئي بچائڻي آهي ٻئي پاسي عوامي جمهوريت طبقاتي ۽ قومي سياست ڪندڙ ڌرين جي سياسي پاسي تي عوام کي پروسو ناهي ان جا سبب هي آهن ته هڪ ملڪ جي سياست شروعات ئي جاگيرداري ۽ پوتارڪي سياست سان ڪئي وئي آهي جنهن ۾ ملڪ جي عسڪري ادارن جو وڏو دخل رهيو آهي شروعات ۾ ته ڊرائينگ رومن تائين سياست محدود هئي پر بعد ۾ پٽي صاحب جي دور کان عوامي جدوجهد هليو جنهن ۾ عوامي تحريڪ ۽ رسول بخش پليجو حيدر بخش جتوئي فاضل راهو ۽ ايم آر ڊي تحريڪ ۾ سياست ڊرائينگ روم کان نڪري عوامي سياست جو بنياد پيو، پر ان سياست تي وڏا پهرا هئا جنهڪري اها اقتدار هٿ ڪري نه سگهي، سواءِ ذوالفقار علي ڀٽي جي پ پ پ جي جيڪا بعد ۾ مخصوص ساڳي طبقي جي هٿ ۾ هلي ويئي، جنهن جو انجام اڄ ڏک ڏيئي رهيو آهي، سواءِ پوتار ۽ سردارن جي ٻيو باقي خير آهي ان روشن خيال سياست ۽ نظريات جون پاڙون عام ماڻهو وٽ پختيون ناهن ڇاڪاڻ سنڌ جي تعليم هترادي يرغمال هئڻ ڪري پرائمري تعليم جيڪا بنيادي تعليم آهي اها سنڌ جي موجوده نسل کان اڳيائين تباهه ڪئي ويئي آهي، جنهڪري موجوده نسل جي نصاب ۾ جاگيرداري سياست جي ڊرامابازي اتڪل بازي ۽ ڪرپشن جي لاءِ ڪوبه سبجيڪٽ شامل نه آهي، جنهن سان هن نسل جو ذهن جڙيل ۽ تيار ٿيل هجي، نه صرف ايترو پر ماڻهو ڪتاب پڙهڻ کي به عار سمجهڻ

لڳن ٿا ۽ ساڳئي وقت روشن خيال ڌرين جو عوامي ليول تي عوام سان رابطو نه هئڻ برابر آهي جنهڪري عام ماڻهو جيڪو وڏيري پوتار جي تابع هئڻ ۾ پاڻ کي پوليس ٿاڻن زمين جي ڪوڙن ڪاتن ۽ مختلف سرڪاري ڪاتن ۾ سفارش جي نام نهاد روايت جي حيثيت ۾ هو خود کي تحفظ جي ڇٽي هيٺ محسوس ڪري ٿو تاريخي حوالي سان سواءِ عوامي تحريڪ جي باقي ٻيل قومي طبقاتي ۽ جمهوري سياست ڪندڙن پنهنجي ڪارڪنن جي تربيت اسٽڊي سرڪلن ۽ ورڪشاپن جي ذريعي نه هئڻ جي برابر ڪئي آهي. جنهنڪري اڪثريت عوام ۾ اها سوچ ۽ سمجهه پيدا نه ٿي سگهي آهي جنهن سان عام ڪارڪن توڙي عوام جا ذهن تنقيدي حوالي سان جڙي سگهن ڇاڪاڻ اڪثر وڏيري جي شادي ۽ موتي ۾ اچڻ کي ترقياتي ڪمن ۽ ڪرپشن تي فوقيت ڏني ويندي ڏني ويئي آهي جنهن جو مطلب ته ڪو سرڪاري وڏيرو ايم اين اي يا ايم پي اي پوتار جنهن وٽ عوامي دولت جي ڦرلٽ جي پئسن جا انبار لڳيل هجن جيڪڏهن ان جو پٽ يا سوٽ وڏي ڪروڙن جي گاڏي مان اچي ڪاڄ ۾ لهي ته ڄڻ ڪاڄ واري جو فخر کان ڪنڌ اوچو ٿي ويندو آهي پوءِ پلي پوري سنڌ جو مال پيلي ڪائي وڃي ۽ اهو پوتار جو پٽ به هزار ڦرلٽ واري پئسن ڏئي ڏهه هزار جو لنگيون اجرڪون ۽ بوسڪي جو پٽڪو ڪٽي ويندو آهي هاڻ عوام جي اهڙي گهٽيا نفسيات مان سردار وڏيري تمام گهڻو فائدو ورتو آهي ان جو نتيجو هي ٿو نڪري ته تماشائي ڏسندڙ عوام به انهي عمل کان مرغوب ٿي وڏيري ۽ سردار جي پر وڃي ٿو ۽ ان طرف ڇڪجي وڃي ٿو هتي بنيادي ڳالهه سياسي تعليم جي کوٽ جي آهي جيڪا عوام تائين صحيح طريقي سان نه پهتي آهي جنهن سان عوام سندن اسيمبلي ۾ نمائندگي ڪندڙ نمائندن جي فرضن ۽ ذميوارين کان خبر پوي ته اصل ۾ اسيمبلي جي نمائندي جو ڪم ڪهڙو آهي جنهن سان ملڪ ۽ وطن کي خوشحال ڪري سگهجي مطلب ته عوامي ادارن کي ميرٽ جي بنياد تي ڪم ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ انصاف جي فراهمي يقيني بنائڻ ۽ عوام جا پئيسا عوام جي ڌرتي ۽ انهن جي تعليم ۽ صحت تي خرچ ڪرڻ زراعت صنعت ۽ خارجي پاليسين ۽ کي بهتر ڪرڻ ٽيڪناجي کي هٿي وٺائڻ وغيره انهن سيني شين کان عام ماڻهو جو ڪلو بنيل آهي تنهنڪري انهن سيني ڳالهين کي مد نظر رکي هن اليڪشن ۾ به ڇنجي سگهجي ٿو عوام اڃان به ذهني طور ان سطح ۽ ڏانهڪي تي نه پهتو آهي جيڪو ووٽن ذريعي ڪا مثبت تبديلي آڻي سگهي

> سـاتَـرِ صِـحـتَ سُـپـرِيـن، آهـي نـه آزارُ؛
> مـجـلـسَ وِيـرَ مِـنـو ٿـئـي، ڪـونِـيـنـدي قَـهـارُ؛
> خَـنـجـرُ تـنـهـن خُـوب هـٽـي، جـنـهـن سـيـن ٿـئـي يـارُ؛

عالمي عدالت جو حڪم ۽ انصاف جي تقاضا

عاطف ملاح

26 جنوري 2024 تي اقوام متحده جي اداري نيدرلينڊ جي شهر هيگ ۾ قائم انصاف جي عالمي عدالت انٽرنيشنل ڪورٽ آف جسٽس هڪ اهم فيصلو ڏنو آهي. هن فيصلي ۾ انصاف جي عالمي عدالت طرفان اهو تسليم ڪيو ويو آهي ته اسرائيل مظلوم فلسطيني عوام جي بي رحم نسل ڪشي ڪري رهيو آهي.

انٽرنيشنل ڪورٽ آف جسٽس گڏيل قومن جو هڪ عالمي ادارو آهي. ڊسمبر ۾ عظيم انقلابي اڳواڻ ۽ ڏکڻ آفريڪا جي هيري نيلسن منڊيلا جي ڏکڻ آفريڪا گڏيل قومن جي ان انصاف واري اداري انٽرنيشنل ڪورٽ آف جسٽس ۾ اسرائيل خلاف هڪ مقدمو داخل ڪيو. ڏکڻ آفريڪا طرفان اسرائيل مٿان اهو الزام لڳايو ويو ته اسرائيل فلسطينين جي نسل ڪشي ڪري رهيو آهي. جيڪا ڳالهه سئو سيڪڙو درست آهي.

ڏکڻ آفريڪا انصاف جي عالمي عدالت ۾ پنهنجو مقدمو نسل ڪشي بابت عالمي قانون جنهن کي انٽرنيشنل ڪنوينشن آن جينوسائيڊ چيو وڃي ٿو ان جي بنياد تي داخل ڪيو. ڏکڻ آفريڪا پنهنجي ڪيس ۾ اهو موقف اختيار ڪيو ته نسل ڪشي بابت جوڙيل ان عالمي قانون ۾ نسل ڪشي جي ڏنل وصف تحت اسرائيل غزه ۾ معصوم فلسطيني عوام جي نسل ڪشي ڪري رهيو آهي. ڏکڻ آفريڪا جي وڪيلن عالمي عدالت ۾ دليل ڏيندي ٻهرين گهر ته اها ڪئي ته هي انصاف جي عالمي عدالت سڀ کان پهرين هڪڙو تڪڙو جنگبندي جو حڪمنامو جاري ڪيو وڃي ٻيو ڏکڻ آفريڪا جو مطالبو اسرائيل طرفان فلسطينين جي نسل ڪشي روڪڻ بابت هيو.

ان ئي بنياد تي ڪيس جون ٻڌڻيون ٿيون. اسرائيل طرفان سڀ کان پهرين اهو موقف اختيار ڪيو ويو ته ڇاڪاڻ ته عالمي قانون تحت ڪو به معاملو انٽرنيشنل ڪورٽ آف جسٽس ۾ آڻڻ کان پهرين ٻنهي ملڪن ۾ وڏي عرصي تائين هڪٻئي سان سفارتي سطح تي ان مسئلي بابت ڳالهه ٻولهه ۽ ان مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ هڪٻئي سان ڳالهيون اهم شرط هونديون آهن. يعني اسرائيل جو اهو موقف هيو ته ڏکڻ آفريڪا کي اهو معاملو هتي کڻي اچڻ کان پهرين اسان سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ کپندي هئي.

ٻيو اسرائيل اهو اعتراض ڪيو ته ڏکڻ آفريڪا اسرائيل ۽ فلسطين معاملي ۾ سڌي ريت پارٽي ناهي، ان ڪري هي ڪيس داخل ڪرڻ جو ان وٽ ڪو جواز ناهي. اهڙي ريت اسرائيلي وڪيلن وڌيڪ چيو ته اسرائيل فلسطينين جي نسل ڪشي نه پر پنهنجو دفاع ڪري رهيو آهي.

جنهن دليل کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ لاءِ هنن 7 آڪٽوبر 2023ع جي حماس طرفان اسرائيل مٿان حملي جا ڪجهه فوٽو ۽ وڊيوز وغيره انصاف جي عدالت ۾ پنهنجي موقف کي مضبوط ڪرڻ لاءِ پيش ڪيا. ٻئي طرف ڏکڻ آفريڪا جو ڪيس انتهائي مضبوط رهيو. ڏکڻ آفريڪا جي وڪيلن انتهائي شاندار ۽ پراثر دليل ڏنا. هنن ثبوتن سان اسرائيل جي هر موقف کي غلط ثابت ڪيو. ڏکڻ آفريڪا اسرائيل سان فلسطين جنگ متعلق سندن سفارتي سطح جي ڳالهه ٻولهه جا ثبوت به پيش ڪيا.

اسرائيل جي ان موقف ته ڏکڻ آفريڪا هن مسئلي ۾ تنگ نٿو اڙائي سگهي جي جواب ۾ موقف اختيار ڪيو ته ڏکڻ آفريڪا ۽ اسرائيل ٻئي 1948 واري نسل ڪشي بابت ڪنوينشن تي صحيحون ڪندڙ ۽ ان جو حصو آهن. ان ڪري ان جي روح موجب هر طرح سان ڏکڻ آفريڪا نه فقط اسرائيل طرفان فلسطينين جي نسل ڪشي جو ڪيس انٽرنيشنل ڪورٽ آف جسٽس ۾ رکي سگهي ٿو پر دنيا ۾ ڪٿي به اهڙي ناانصافي تي هر ملڪ اهو ڪيس عالمي عدالت ۾ رکڻ جو جواز رکي ٿو. اهڙي طرح اهي ٻڌڻيون ٿيون ۽ تازو 26 جنوري 2024 تي انٽرنيشنل ڪورٽ آف جسٽس 6 نقطن تي مشتمل پنهنجو هڪ تفصيلي حڪمنامو جاري ڪيو.

ان حڪمنامي تي اچڻ کان پهرين اهو واضح رهي ته ترڙي جو هي اها ئي عدالت آهي. جنهن يوڪرين مٿان روس جي چڙهائي واري مامري ۾ روسي صدر پيوٽن خلاف گرفتاري جا وارنٽ جاري ڪيا هئا پر ان ساڳي عدالت هزارين معصوم بيگناهه فلسطينين جي قاتل رهزن نيتن ياهو خلاف ڪو به اهڙو حڪمنامو جاري نه ڪيو. نه ئي ان جنگبندي جو حڪم ڏنو پر صرف اسرائيل کي نسل ڪشي بند ڪرڻ جو حڪمنامو جاري ڪيو. جنهن تي به عمل لاءِ اسان جڏهن انٽرنيشنل لا جي اسٽرڪچر کي ڏسنداسين ته عالمي قانونن کي عملي شڪل ۾ آڻڻ لاءِ ڪو به ادارو مشمول آئي سي جي يا اقوام متحده وٽ ڪا به اهڙي قوت ناهي.

جنهن سان هو پنهنجي فيصلي کي عمل جوڳو بڻائي سگهن. تنهن باوجود به هي فيصلو عالمي عدالت جو اسرائيل طرفان ٿيندڙ نسل ڪشي جو گهٽ ۾ گهٽ اعتراف ضرور آهي ته مظلوم فلسطينين جو هن ڌرتي تان وجود ئي ميساريو پيو وڃي ۽ هي حڪمنامو عالمي تاريخ جو هڪ اهم باب ضرور بڻجي ويو آهي.

انٽرنيشنل ڪورٽ آف جسٽس پنهنجي حڪمنامي ۾ ورلڊ هيلٿ آرگنائيزيشن جي هڪ رپورٽ جو حوالي پڻ ڏنو آهي جنهن موجب غزه جي 93 سيڪڙو آبادي وڏي بحران جو شڪار آهي.

ماڻهن کي پيئڻ جي پاڻي، کاڌي، دوائن، هنڌ بسترن سميت روز مره جي بنيادي انساني ضرورت جي شين جي شديد کوٽ آهي. تفصيلي حڪمنامي جي آخر ۾ انٽرنيشنل ڪورٽ آف جسٽس چيو ته نسل ڪشي بابت ڪنوينشن ۽ غزه جي موجوده صورتحال مان اهو واضح آهي ته اسرائيل نسل ڪشي بابت ڪنوينشن جي آرٽيڪل ۾ جي دائري ۾ ايندڙ اهي سڀ ڪم ڪري رهيو آهي جهڙوڪ هڪ مخصوص گروهه جي ماڻهن جو قتلام، مخصوص گروهه جي ماڻهن مٿان سخت ظلم، مخصوص گروهه جي ماڻهن کي تباهه ڪرڻ جا سمورا بندوبست ڪرڻ وغيره.

پنهنجي حڪمنامي ۾ انصاف جي عالمي عدالت چيو ته اسرائيل اهو سڀ ڪجهه ڪري رهيو آهي ۽ اسين حڪم ٿا ڏيون ته هو پنهنجي فوج کي ان سموري ڪم کان منع ڪري. منهنجي خيال ۾ ترڙي جو هي فيصلو مڪمل انصاف ناهي. نه ئي دنيا جي امن پسند ماڻهن کي ان فيصلي جي اميد هئي بلڪ هيگ جي عالمي عدالت ته نيتن ياهو جا گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ها ۽ ڳڻ ڳڻ نسل ڪشي بابت 1948 واري ڪنوينشن موجب جنهن ۾ واضع چيو ويو آهي ته نسل ڪشي ۾ مدد ڪندڙ ڌر به ايتري ئي ذميوار آهي يعني انصاف جي عالمي عدالت کي آمريڪا کي به پنهنجي نشاني تي آڻي فوري جنگبندي جو حڪم ڏيڻ گهرجي ها پر آمريڪي اثرهيٺ ڪم ڪندڙ ان ڪورٽ گهٽ ۾ گهٽ اهو ته تسليم ڪيو ته اسرائيل ظلم ڪري رهيو آهي، جيڪو فوري بند ٿيڻ گهرجي ۽ ان سان عالمي سطح تي اسرائيل مٿان ملامتن جا تير وسندا رهندا.

بقايا 01

ضلعي جي علائقي هارون آباد ۾ جلسي کي خطاب ڪندي نواز شريف چيو ته مون کي نااهل ڪيو ويو پر اڄ ڪامياب ٿي عوام جي سامهون بيٺو آهيان. توهان جا نعرا ٻڌي منهنجو 5 ڪلو رت وڌي ويو. مان لوڊشيڊنگ ختم ڪئي، سستي بجلي آندي. ٻڌايو توهان کي نواز شريف ياد ايندو آهي يا نه؟ هن چيو ته ٽرانسپيرنسي انٽرنيشنل جي رپورٽ موجب نواز شريف جي دور ۾ ملڪ مان ڪرپشن جو خاتمو ٿي چڪو هو. ثاقب نثار ٻڌائي ته جنهن کي عالمي دنيا ڪرپٽ ترين چئي رهي آهي، ان کي توهان صادق ۽ امين جو سرٽيفڪيٽ ڇو ڏنو؟ سندس موجب اسان آءِ ايم ايف کي خدا حافظ چيو هو ۽ ملڪ پنهنجي پيرن تي بيهي رهيو هو. عمران خان وري ڪشڪول کڻي پهچي ويو. اسان ايٽمي ڌماڪا ڪيا ۽ هن شهيدن جي يادگارن جي بي حرمتي ڪئي. نواز شريف چيو ته عمران خان جيئن ئي اقتدار ويندي ڏنو ته پاڪستان تي حملو ڪيو ۽ نتيجو اڄ عدالت ۾ آيو آهي. مان سمجهان ٿو ته اهو افسوسناڪ ڪردار رهيو آهي.

بقايا 02

ته اسٽيٽ بئنڪ آءِ ايم ايف جي ماتحت آهي. نظرثاني ڪرڻي پوندي. ڏهه نقاطي ايجنڊا تي عمل ڪري غربت، جهالت ۽ بيروزگاري ختم ڪري سگهجي ٿي. سنڌ ۾ 30 هزار تباهه ٿيل اسڪولن جي بحالي لاءِ 120 ارب رپيا رکيا ويا آهن. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي تاج حيدر چيو ته پيپلزپارٽي جمهوري پارٽي ۽ برابري جمهوريت جي خواهشمند آهي. غربت، جهالت جو خاتمو ۽ دولت سيني لاءِ برابر چاهن ٿا. سنڌن شهادتون ۽ قربانيون سپني آڏو آهن. سندس چوڻ هو ته ڪين روڪڻ لاءِ استحصالي طبقن پنهنجون پنهنجون پارٽيون ناهيون آهن. هر هنڌ ٻاهر ماڻهن کي گڏ ڪري پارٽي جو نالو ڏنو پيو وڃي. انهن ٻاهر ماڻهن جو ڪو سياسي ۽ معاشي نظريو ناهي هوندو ته پ پ سينيٽر تاج حيدر چيو ته پيپلز پارٽي جي هيٺين کان هيٺين سطح تي به تنظيم موجود آهي. گڊ گورننس اها آهي ته غربت ۽ بيروزگاري جو خاتمو ڪيو وڃي. هن چيو ته پيپلزپارٽي جو منشور به پنهنجي عوام لاءِ آهي. بينظير انڪم سپورٽ جي رقم به سڌي ريت عورت تائين پهچي ٿي اهڙا وڌيڪ پروگرام جوڙيا آهن جيڪي عوام لاءِ آندا پيا وڃن. پ پ سينيٽر تاج حيدر چيو ته بلاول ڀٽو زرداري جو 10 نڪاتي منشور کي عوام تائين منتقل ڪرڻ چاهن ٿا. هن وقت موسمي تبديلي وڏو مسئلو ۽ ٻوڏ ملڪ تباهي جو شڪار ٿيو گهر لڙهي ويا، اهي خطرا نظر انداز نٿا ڪري سگهجن جيڪي غريب کي سڌوسنئون متاثر ڪن ٿا. سندس چوڻ هو ته اسٽيٽ بئنڪ آءِ ايم ايف جي ماتحت آهي. نظرثاني ڪرڻي پوندي. ڏهه نقاطي ايجنڊا تي عمل ڪري غربت، جهالت ۽ بيروزگاري ختم ڪري سگهجي ٿي. پ پ سينيٽر تاج حيدر چيو ته سنڌ ۾ 30 هزار تباهه ٿيل اسڪولن جي بحالي لاءِ 120 ارب رپيا رکيا ويا آهن.

بقايا 03

صحافين کي حراسان ڪرڻ ۽ ايف آءِ اي طرفان نوٽيسز اماڻڻ بابت ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. ٻڌڻي جي شروعات تي عامر مير جي وڪيل جهانگير جدون ڪالهوڪو حڪم نامو پڙهندي چيو ته عامر مير ڪيس ۾ عدالتي حڪمن تي عمل نه ٿيو آهي. حڪومت کان ان جي باري ۾ پڇيو وڃي. جسٽس فائز سوال ڪيو ته ڪهڙي حڪومت کان پڇون؟ وڪيل جواب ڏنو ته وفاقي حڪومت کان پڇو. چيف جسٽس اٽارني جنرل کي چيو ته پوءِ آرڊر به اوهان جي خلاف پاس ٿيندو، ڇا اوهان جو موڪل هڪ وزير آهي؟ جهانگير جدون جواب ڏنو ته جي ها اهو وزير

آهي. جسٽس فائز سوال ڪيو ته ڇا اهو بطور وزير آهي يا مددگار آهي؟ وڪيل جواب ڏنو ته جي اهو آهي. چيف جسٽس سوال ڪيو ته پوءِ اهو ڪير پراسرار آهي جيڪو ملڪ کي هلائي رهيو آهي؟ وڪيل ٻڌايو ته سيني کي خبر آهي. چيف جسٽس ريمارڪس ڏنا ته اهڙيون ڳالهيون نه ڪريو هي عدالت آهي راندين جو ميدان نه آهي. صحافين طرفان گڏيل درخواست داخل نه ٿيڻ تي چيف جسٽس ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو ته جيستائين لڪت ۾ اسان جي سامهون ڪجهه نه ايندو اسان آرڊر ڪيئن جاري ڪريون. هاڻ سپريم ڪورٽ ۾ 3 رڪني ڪميٽي ٺي طئي ڪندي آهي. ڇا صحافين کا نئين درخواست داخل ڪئي آهي؟ صحافي عقيل افضل ٻڌايو ته اسان کي اڃان تائين فهرست ئي نه ملي آهي ته ڪهڙن صحافين جي خلاف ڪارروائي آهي. جسٽس قاضي فائز عيسيٰ ريمارڪس ڏنا ته اٽارني جنرل صاحب ڪالهه اسان احتياط سان ڪم وٺندي ڪوبه آرڊر پاس نه ڪيو؟ مسئلو اهو آهي ته ڪوبه ماڻهو ڪم ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. اسان کي اميد هئي ته اڄ ڪوبه صحافي سي آيم اي فائل ڪندو. اسان کي ڪو ڪاغذ ته ڏيکاريون. اسان هن ڪيس ۾ ڪيئن اڳيان وڌون. جيستائين جج ڪميٽي ۾ معاملو نه هلايو ويندو. عدالت ڪوبه حڪم جاري نٿي ڪري سگهي. جنهن کان پوءِ عدالت ايف آءِ يو جي کي لکت ۾ جواب جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪندي ڪيس جي ٻڌڻي مارچ جي پهرين هفتي تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 04

اسماعيل خان جي عوام جو ٿورائتو آهيان. منهنجو ۽ ڊيرا اسماعيل جي عوام جو رشتو ڪافي پراڻو آهي. ڊيره اسماعيل خان جي عوام هميشه محبت سان استقبال ڪيو هن چيو ته اڄ ڊيره اسماعيل خان اچي تمام گهڻي خوشي ٿي رهي آهي. چوندن جي سلسلي ۾ هتي آيو آهيان ۽ بهادر وفادار پارٽن جي سامهون بيٺل آهن. پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو وڌيڪ چيو ته پ پ کان علاوه ٻيون پارٽيون اشرافيه جي نمائندگي ڪنديون آهن پر پيپلز پارٽي 3 نسلن کان عوام جي نمائندگي ڪندي رهي آهي ۽ عوام سان گڏ بيٺل آهي. هن چيو ته پاڪستان جي عوام کي اهڙو نظريو ۽ منشور گهرجي جنهن سان انهن جي تڪليفن ۾ گهٽتائي اچي پر پاڪستان جي عوام کي پريشانين جو احساس رائيوند وارن سميت ڪنهن کي به نه آهي. هن چيو ته جن دهشتگردن کي قربانيون ڏئي شڪست ڏني هئي اهي ٻيهر سامهون اچي رهيا آهن اسان هڪ دفعو ٻيهر دهشتگردن کي شڪست ڏينداسين. اڳوڻي پرڏيهي وزير چيو ته قائد عوام ساڳئي تڪ تان چونڊ وڙهيو هو هاڻ ڪو به ڀهانو نه رهيو آهي. 8 فيبروري تي چونڊون ٿي رهيون آهن. انشاالله 8 فيبروري تي ڊيره اسماعيل خان ۾ تيرن جي برسات ٿيندي. هن چيو ته پيپلز پارٽي جا جيالا وفادار آهن ته ڊيرا اسماعيل خان ۾ شهيد بينظير ڀٽو جا جيالا ميدان ۾ لٿل آهن. بلاول وڌيڪ چيو ته موجوده معاشي بحران ملڪي تاريخ جو سڀني کان وڏو بحران آهي پر پاڪستان هن وقت تڪليف ۾ آهي پيپلز پارٽي ملڪ کي اڪيلو نه ڇڏيندي. چيو پيو وڃي ته ڊيره اسماعيل خان ۾ سڀ جي تمام گهڻو آهي. چونڊ مهم ڪرڻ مشڪل آهي. هاڻ انهن جو چا ٿيندو جنهن سڀ جي ڪري چونڊ مهم هلائڻ نٿي چاهي.

بقايا 05

۾ جوابدارن کان 36 سوالن جا جواب گهريا ويا، ٻنهي سياسي اڳواڻن پاڻ جواب لکرايا.

جج سزا ٻڌائڻ کان اڳ عمران خان کان سوال پڇيو ته سائفر ڪيڏانهن ويو؟ جنهن تي پي ٽي آءِ باني جواب ڏنو ته سائفر مون وٽ نه آهي مون پنهنجي بيان ۾ لکرائي ڇڏيو آهي، وزيراعظم آفيس جي سيڪيورٽي منهنجي ذميواري نه هئي. جنهن کان پوءِ عدالت پي ٽي آءِ باني عمران خان ۽ شاهه محمود قريشي جا 342 جا بيان قلمبند ڪرڻ کان پوءِ ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ڪين قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي. ٻئي پاسي تحريڪ انصاف عمران خان ۽ شاهه محمود قريشي جي سائفر ڪيس ۾ سزا چئلينج ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. تحريڪ انصاف طرفان جاري ڪيل بيان ۾ پي ٽي آءِ باني ۽ وائيس چيئرمين جي سزائن ٿي رد ڪندي ٽرائل ڪورٽ جي فيصلي خلاف اعليٰ عدليا سان رابطو ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. تحريڪ انصاف ترجمان رئوف حسن هڪ بيان ۾ چيو ته عمران خان ۽ شاهه محمود قريشي کي سياسي انتقام جو نشانو بڻايو پيو وڃي. عمران خان جي هدايتن جي روشني ۾ ڪارڪن پرامن رهندا، هر ناانصافي جو بدلو ووٽ سان وٺنداسين. ٻئي پاسي پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين بيرسٽر گوهر پي ٽي آءِ باني عمران خان کي 10 سال قيد جي سزا ٻڌائڻ کان پوءِ ڪارڪنن کي صبر جو مظاهرو ڪرڻ سان گڏ قانون هٿ ۾ نه کڻڻ جو پيغام ڏئي ڇڏيو آهي. پي ٽي آءِ باني عمران خان ۽ وائس چيئرمين شاهه محمود قريشي کي سزا ٻڌائڻ تي بيرسٽر گوهر پنهنجي هڪ بيان ۾ رد عمل ڏيندي چيو آهي ته اسان کي سپريم ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽ تي پروسو آهي عدالتن مان انصاف ملڻ جي اميد آهي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ صحافين سان ڳالهيون ڪندي بيرسٽر گوهر چيو ته آئين ۽ قانوني طريقي کان هٽي ڪري ڪيسز کي هلايو پيو وڃي. جج صاحب پنهنجي طرف کان سوال ڪيا اسان انهي کان ڪهڙيون اميدون رکنداسين.

بقايا 06

طرفان پروسي جي اظهار تي سندن ٿورائتو آهيان هي هميشه منهنجو گهر رهيو آهي سياست پنهنجي گهر ملتان مان شروع ڪندس. جهانگير ترين چيو ته معيشت اڳيان وڌندي ته سيني کي فائدو ٿيندو ملڪ ۽ قوم جي بنياد معيشت تي هوندي آهي. معيشت بهتر هوندي ته آمدني به وڌندي. هن چيو ته معيشت تي هر ملڪ جي بنياد هوندي آهي. واعدو ڪريان ٿو ته پنجاب ۽ پاڪستان جي لاءِ محنت ڪندس. جهانگير ترين چيو ته مون کي خوشي ٿي رهي آهي ته مون هتي اچڻ جو فيصلو ڪيو اوهان فيصلو ڏئي ڇڏيو آهي ته اسان ٿورا به آهيون پر ان باوجود حاوي آهيون. استحڪام پاڪستان پارٽي جي اڳواڻ چيو ته آبادي کي صحيح استعمال ڪندو ته اها ملڪ کي اڳيان کڻي ويندي.

بقايا 07

۽ ڊيجيٽلائيزيشن ۽ وفاقي ٽيڪس پاليسي بورڊ جي جوڙجڪ جي منظوري ڏيندي پاڻي ذخيرن واري وزارت جي سفارش تي پيش ڪيل ارسا ايڪٽ 1992ع ۾ ترميم جي فيصلي جي توثيق ملتوي ڪري ان حوالي سان تفصيلي بحث ڪاٻوءِ وفاقي ڪابينا جي ايندڙ اجلاس ۾ منظوري جي لاءِ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي جڏهن ته نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ هدايت ڪئي آهي ته ڪابينا جي سفارشن جي روشني ۾ سڌارن جي حوالي سان سموري گهربل ضروري قانونسازي جي لاءِ مسودو ايندڙ چونڊيل پارليامينٽ کي منظوري جي لاءِ پيش ڪيو وڃي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري پڌرائي موجب نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ جي صدارت ۾ وفاقي ڪابينا جو اجلاس ٿيو. وفاقي ڪابينا روينيو ڊويزن جي سفارش تي فيڊرل بورڊ آف روينيو جي نئين سر تنظيم سازي ۽ ڊيجيٽلائيزيشن جي منظوري ڏئي ڇڏي. ڪابينا کي 23 جنوري 2024ع جي اجلاس ۾ قائم ڪيل نائي واري نگران وفاقي وزير جي سربراهي ۾ بين الوزارتي ڪميٽي جون سفارشون پيش ڪيون ويون. گذريل اجلاس ۾ منظوري جي لاءِ پيش ڪيل سمري ۾ تفصيلي بحث ڪاٻوءِ موثر قيرقار ڪئي وئي ۽ اها ڪابينا جي اجلاس ۾ منظوري جي لاءِ پيش ڪئي وئي. انهن سڌارن جي روشني ۾ روينيو ڊويزن ۾ وفاقي ٽيڪس پاليسي بورڊ جوڙيو ويندو. جيڪو ملڪ ۾ ٽيڪس پاليسي جي جوڙجڪ، روينيو جي هدفن جي تعين ۽ ڌرين جي وچ ۾ تعاون جا فرض سرانجام ڏيندو. فيڊرل پاليسي بورڊ جي سربراهي نائي واري نگران وفاقي وزير ڪندي. نئين سر تنظيم سازي جي نتيجي ۾ ڪسٽمز ۽ ان لينڊ روينيو جي سڌارن کي جدا ڪري ان جي سربراهي لاڳاپيل ڪيڊرز جا ڊائريڪٽر جنرلز ڪندا. لاڳاپيل ڊائريڪٽر جنرلز کي پنهنجي پنهنجي ادارن جي انتظامي، مالي ۽ آپريشن معاملن جي حوالي سان مڪمل

اختيار هوندو. ٻئي ڊائريڪٽر جنرلز پنهنجي ادارن جي ڊيجيٽلائيزيشن، شڪايتن جي ازالي ۽ شفافيت جي حوالي سان عالمي سطح تي لاڳو بهترين قدم لاڳو ڪرڻ کي يقيني بڻائيندا. ڪسٽمز ۽ ان لينڊ روينيو جي لاءِ جدا جدا اوورسائيٽ بورڊز هوندا. نائي، روينيو وپار وارا وفاقي سيڪريٽريز، نادرا جو چيئرمين، لاڳاپيل شعبن جا ماهر ان جا ميمبر هوندا، جڏهن ته نائي واري نگران وفاقي وزير سربراهه هوندي. نگران وزيراعظم هدايت ڪئي ته ان ڳالهه کي يقيني بڻايو وڃي ته ان بورڊ ۾ نجي شعبي جي ماهرن جي مقرري جي وقت اها ڳالهه يقيني بڻائي ويندي ته مفادن جو ٽڪراءُ نه ٿئي. نگران وزيراعظم اها به هدايت ڪئي ته ڪابينا ڪميٽي جي سفارشن جي روشني ۾ سڌارن جي حوالي سان سموري گهربل ضروري قانونسازي جي لاءِ مسودو ايندڙ چونڊيل پارليامينٽ جي منظوري جي لاءِ پيش ڪيو وڃي. نگران وزيراعظم ۽ وفاقي ڪابينا نائي واري نگران وفاقي وزير، ايف بي آر جي چيئرمين ۽ لاڳاپيل عملدارن جي انهن سڌارن جي انتڪ ڪوشش کي ساراهيو. وفاقي ڪابينا قانوني معاملن واري ڪابينا ڪميٽي جي 26 جنوري 2024ع تي ٿيندڙ اجلاس ۾ ڪيل فيصلن جي توثيق ڪري ڇڏي. جيتوڻيڪ ڪابينا پاڻي ذخيرن واري وزارت جي سفارش تي پيش ڪيل ارسا ايڪٽ 1992ع ۾ ترميم جي فيصلي جي توثيق ملتوي ڪري ان حوالي سان تفصيلي بحث ڪاٻوءِ وفاقي ڪابينا جي ايندڙ اجلاس ۾ منظوري جي لاءِ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي.

بقايا 08

(پي او سي) جاري ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ افغان شهرين سان شادي ڪندڙ پاڪستاني عورتن جي درخواستن تي ٻڌڻي جسٽس اعجاز ۽ جسٽس شڪيل احمد ڪئي. ٻڌڻي دوران درخواستگذار جي وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته درخواستگذار عورتن افغان شهرين سان شاديون ڪيون آهن ۽ ڪين ٻار به آهن پر انهن جي مڙسن کي پاڪستان اوريجن ڪارڊ جاري ناهن ڪيا ويا. درخواستگذار جي وڪيل ٻڌايو ته مڙسن کي پاڪستان اوريجن ڪارڊ جاري نه ڪرڻ سبب عورتن ۽ انهن جي ٻارن کي ڏکيائيون پيش اچي رهيون آهن. عدالت درخواستگذار عورتن جي افغان مڙسن کي قانون موجب پي او سي ڪارڊ جاري ڪرڻ جو حڪم ڏيندي چيو ته درخواستگذار عورتن لاءِ آسانيون پيدا ڪيون وڃن. ڪين هراسان نه ڪيو وڃي.

بقايا 09

۾ ٻه ڄڻا مارجي ويا ۽ 4 زخمي ٿي پيا. جن مان 3 جي حالت ڳنڀير ۽ جوڳي آهي. هوڏانهن حالتن کي ڏسندي سبي ۽ ڪوئيٽا جي سيني اسپتالن ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪئي وئي آهي.

بقايا 10

حملي دوران را سان جڙيل اڪائونٽن سوشل ميڊيا تي پروپيگنڊا شروع ڪئي. پارٽي ڳجهي ايجنسي را سان جڙيل اڪائونٽن اڳ ۾ حملي جي خبر پنهنجي اڪائونٽن تان ڏني. ماهرن موجب ڀارت را سان جڙيل سوشل ميڊيا اڪائونٽن تان پاڪستان ۾ بدامني ۽ ڊفيوڙ پکيڙي رهيو آهي. گذريل سال سک اڳواڻ هرديپ سنگهه نجر جو ڪينيڊا ۾ قتل به ان ئي سلسلي جي ڪڙي آهي. ماهرن جو چوڻ آهي ته ڀارت عالمي قانونن جي مسلسل ڀڃڪڙين ۾ مصروف آهي. عالمي دنيا ڀارت جي ڪليل دهشتگردي خلاف ايڪشن وٺي. هوڏانهن مچ ۾ حملي جي ذميواري ڪالعدم تنظيم بلوچستان لبريشن آرمي قبول ڪئي. سيڪيورٽي ذريعن جو چوڻ آهي ته گرفتار پارٽي قاتلن شاهد لطيف کي سيالڪوٽ، محمد رياض کي راولاڪوٽ ۾ قتل ڪيو. شاهد لطيف، رياض جي قتل ۾ ڀارتي ايجنٽ اشوڪ ڪمار آنند ۽ يوگيشن ڪمار ملوث هئا.

بقايا 11

آصف جي ريلي جي صورت ۾ بدين پهچڻ تي جيالن پاران پرجوش آجيان ڪئي وئي. آصف ڀٽو ريلي کي خطاب ڪندي چيو ته جي ڊي اي يا ڪجهه پيو ته پرو ڳوٺ تير هلندو. 8 فيبروري تي سنڌ مان پيپلزپارٽي جا سمورا اميدوار ڪامياب ٿيندا. آصف ڀٽو زرداري ريلي ۾ پارٽيءَ جا نعرا به هڻايا. آصف ڀٽو زرداري جو چوڻ هو ته منهنجو پٽ بلاول ڀٽو زرداري اوهان جي اميد آهي. بلاول ڀٽو کي ڪامياب ڪرايو هو سيني مسئلن کي حل ڪري ڇڏيندو. هن چيو ته آصف ڀٽو زرداري چيو ته عوام پ پ اميدوارن کي ڪامياب ڪري ته جيئن بلاول ڀٽو زرداري وزيراعظم بڻجي. 8 فيبروري تي سنڌ مان پيپلز پارٽي جا سمورا اميدوار ڪامياب ٿيندا.

بقايا 12

ڏيڻ کان ڪتو جواب ڏنو. گڏجاڻي دوران ڳوٺاڻي چيو ته مان توهان کي ووٽ نه ڏيندس. ڪارنر گڏجاڻي دوران ڳوٺاڻي اميدوار کي مخاطب

ٿيندي چيو ته توهان اسان کي ڏنو ڇا آهي جو ووٽ وٺڻ آيا آهيو. مان توهان کي ووٽ نه ڏيندس ۽ توهان جا پيا ووٽ به ڪاريندس. چام اڪرام الله جي حامين ٻاران ڳوٺاڻي کي ڳالهائڻ کان روڪڻ جي ڪوشش ڪئي وئي پر چام اڪرام الله ڌاريجو اشارو ڪندي چيو ته پلي ڳالهائڻ ڏيو ٻئي پاسي پڊ عيدن ۾ اڳوڻي صوبائي وزير ۽ پي ايس 35 تان پيپلزپارٽي جي اميدوار ضياءَ لنجار کان نوجوان سوال جواب ڪيا. ضياءَ لنجار سوال ڪندڙ نوجوان کي ڊائيس تي گهرائي ڳالهائڻ لاءِ چيو. نوجوان چيو ته پيپلزپارٽي ٻاران ڪو به ترقياتي ڪم نه ڪرايو ويو. چونڊيل نمائندا اليڪشن کٽڻ بعد وري واپس نه آيا. ضياءَ لنجار جي حامين طرفان نعربازي ڪئي وئي.

بقايا 13

پ پ جي چونڊ مهم جا پوسٽر ۽ جهنڊا باقاعدگي سان ڦاڙيا پيا رچن ۽ لاڳاپيل وڊيوز ان شڪايت بابت حوالي لاءِ جڙيل آهن. خط ۾ چيو ويو ته ڪراچي جو اورنگي ٽائون انتهائي حساس علائقو آهي ۽ هتي لساني دهشتگردي جون تمام گهڻيون وارداتون ٿيون آهن. خط موجب اليڪشن ڪميشن قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي حفاظتي قدمن کڻڻ جي هدايت ڪري ۽ شرپسند عنصرن خلاف قانون تحت ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 14

راڪيٽ وسايا، حملي ۾ پوليس اهلڪار سميت 2 ڄڻا مارجي ويا ۽ هڪ ٻار سميت 4 ڄڻا زخمي ٿي پيا. سيڪيورٽي فورسز جي جوابي ڪارروائي ۾ 2 دهشتگرد مارجي ويا. ذريعن ٻڌايو آهي ته اسان کي دهشتگردن جي حملي جي اطلاع اڳ ئي ملي وئي هئي. جنهن کان پوءِ سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن جي لاءِ منصوبه بندي ڪري رکي هئي. ذريعن موجب سيڪيورٽي فورسز طرفان موثر جواب ڏيڻ جي نتيجي ۾ دهشتگرد واٽڙا ٿي ويا. سيڪيورٽي فورسز فرار ٿيندڙ دهشتگردن جي خلاف سرچ آپريشن شروع ڪري ڏنو آهي. پوليس ذريعن موجب حملي ۾ پوليس اهلڪار شهيد ٿي ويا.

بقايا 15

پيٽرول جي قيمت ۾ 10 روپين تائين واڌ ۽ هڪ ليٽر هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي قيمت ۾ 6 روپيه 50 پئسا واڌ جي تجويز ڏني وئي آهي. ذريعن موجب 2 هفتن دوران عالمي مارڪيٽ ۾ ٻارڻ جو تيل 6.50 سيڪڙو مهانگو ٿي ويو آهي.

بقايا 16

سڌارن کان روڪي ڇڏيو اڳاري ڏينهن نگران وزيراعظم جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا جي اجلاس ۾ ڪابينا ايف بي آر جي نئين سر جوڙجڪ ۽ سڌارن جي سمري جي منظوري ڏني هئي. پر اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان ايف بي آر ۾ سڌارن کان روڪي ڇڏيو آهي. ايف بي آر سڌارن جي وفاقي ڪابينا جي فيصلي تي اليڪشن ڪميشن سيڪريٽري ڊاڪٽر سيد آصف حسين وزيراعظم جي سيڪريٽري ڪيپٽن رٽائرڊ خرم آغا کي خط ۾ چيو ته خبرن ۾ آيو آهي ته آرڊيننس ذريعي ايف بي آر ۾ سڌارا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. خط ۾ چيو ويو آهي ته نگران حڪومت جو اسڪوپ آئين ۽ اليڪشن ايڪٽ ۾ واضح آهي. ايف بي آر جا سڌارا اهم پاليسي فيصلي ۾ شامل هوندا آهن. ايف بي آر جي سڌارن جو معاملو چونڊيل حڪومت جو اختيار آهي. اليڪشن ڪميشن سيڪريٽري جي خط موجب اليڪشن ڪميشن کي انهن ڪمن جي نشاندهي به ڪرڻي هوندي آهي. جيڪا نگران حڪومت نٿي ڪري سگهي. وزيراعظم کي صلاح ڏني وڃي ته هو ايف بي آر ۾ سڌارا نه ڪري. ايف بي آر ۾ سڌارن جو جائزو عام چونڊن ڪانپوءِ چونڊيل حڪومت تي ڇڏيو وڃي.

بقايا 17

مصطفيٰ ڪمال ڪاروڙيل آهي. سندس بيان شهر ۾ امن امان جي صورتحال کي خراب ڪرڻ جي سازش آهي. ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب مصطفيٰ ڪمال جي بيان تي رد عمل ڏيندي چيو آهي ته مصطفيٰ ڪمال جو بيان شهر ۾ امن امان جي صورتحال کي خراب ڪرڻ جي سازش آهي. شهر ۾ لاقانونيت ۽ امن تباهه ڪرڻ جي حوالي سان اوهان جو ماضي داغدار آهي. ايم ڪيو ايم ۾ موٽ نه ملڻ تي مصطفيٰ ڪمال هن وقت سخت ڪاوڙ ۾ آهي. هن چيو ته ڪراچي جي عوام کي سڀ ياد آهي ته ڪير هتي شهرين جي زندگين سان کيڏندو هو ايم ڪيو ايم ڪراچي جو امن تباهه ڪرڻ چاهي ٿي. سياست ۾ دهشتگردي ڪير ڪرڻ چاهي ٿو ان جي سيني کي خبر آهي. مرتضيٰ وهاب چيو ته هر انسان جي حياتي قيمتي آهي. جيڪڏهن ڪو قتل ٿيو آهي ته ان جي جاچ ٿيڻ گهرجي. پيپلز پارٽي جمهوريت جي بحالي لاءِ تمام گهڻيون قربانيون ڏنيون آهن. اسان جمهوريت کي بچائڻ جي لاءِ شهيد بي بي جي قرباني ڏني آهي. ڪراچي جي

ميئر وڌيڪ چيو ته مصطفيٰ ڪمال کي هن وقت اهڙا بيان نه ڏيڻ گهرجن. هو افراتفري جو ماحول پيدا ڪرڻ چاهي ٿو شهر هن وقت ڪنهن به اهڙي صورتحال کي منهن نٿو ڏئي سگهي. ايم ڪيو ايم قيادت مصطفيٰ ڪمال جي اهڙي بيان جو نوٽيس وٺي.

بقايا 18

3 پرڏيهي سائيڪلسٽ چنچر ڏينهن سنڌ مان رحيم يارخان جي حدن صادق آباد ۾ داخل ٿيا ته ايس او پي موجب ڪين سيڪيورٽي فراهم ڪئي وئي، ڊي پي او ٻڌايو ته سائيڪلسٽ ان ڳالهه تي ضد ڪيو ته ڪين ڪا سيڪيورٽي نه ڏني وڃي، جنهن تي ڏنڊ چڪ ڪانپوءِ واقعو پيش آيو. پوليس ترجمان موجب پرڏيهي سائيڪلسٽ ڪاوڙ ۾ اي ايس آءِ تي اسپري ڪري ڇڏيو هو. جنهن تي اي ايس آءِ ڪيس چماٽ هڻي. اڻ وڻندڙ رويي تي لاڳاپيل پوليس اهلڪار کي معطل ڪري ان خلاف وڌيڪ محڪمائي ڪارروائي عمل ۾ آندي پئي وڃي.

بقايا 19

ٿي ٻئي پوليس جو چوڻ آهي ته فائرنگ ڪندڙ جوابدار جي سڃاڻپ شان طور ٿي آهي، زخمي عورت پنهنجو بيان رڪارڊ ڪرايو آهي فائرنگ ۾ زخمي ٿيل عورت پوليس کي بيان ۾ چيو آهي ته شان مون سان شادي ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ تي فائرنگ ڪئي. گولي منهنجي هٿ ۾ لڳي. عورت اهو به چيو آهي ته مان شادي شده آهيان. شان مون سان شادي ڪرڻ چاهي ٿي.

بقايا 20

فونزجي تياري سان اڳهن ۾ گهٽتائي ايندي. مقامي هوٽل ۾ موبائيل سمٽ 2024 کي خطاب ڪندي هن چيو ته نوجوان آءِ ٽي سيڪٽر کي مضبوط بڻائين. آءِ ٽي برآمدات سان معيشت مضبوط ٿيندي. سندس چوڻ هو ته پاڪستان ۾ موبائل فونزجي تياري سان اگهن ۾ گهٽتائي ايندي. مقامي موبائل فونز جي تياري سان نائو بچندو. هن وقت تائين 35 ڪمپنين کي لائسنس جاري ٿي چڪا آهن.

بقايا 21

جو اعلان ڪري ڇڏيو اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان طرفان نون ڪرنسي نوٽن جي حوالي سان جاري ڪيل پڌرائيءَ موجب بئنڪ 7 مختلف ماليت جي نون ڪرنسي نوٽن جي سيريز کي ڊيزائن ڪري انهن کي جاري ڪرڻ تي ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي. اسٽيٽ بئنڪ موجب نوان ڪرنسي نوٽ جاري ڪرڻ ۾ عام طور تي ٻن کان ٽن سالن جو عرصو گهربل هوندو آهي پر اسٽيٽ بئنڪ ٻن سالن ۾ نوان ڪرنسي نوٽ جاري ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي. نوان ڪرنسي نوٽ جاري ڪرڻ جو پهريون مرحلو انهن جي ڊيزائن کان شروع ٿيندو. اسٽيٽ بئنڪ 10، 20، 50، 100، 500، 1000 ۽ 50000 جا 7 مختلف ماليت جا 3.3 ڊيزائن آرٽ مقابلي ۾ جمع ڪرائيندي. اسٽيٽ بئنڪ موجب آرٽ مقابلي ۾ مقامي آرٽسٽ، ڊيزائنرز ۽ شاگرد پنهنجا ڊيزائن ڪيل ڪرنسي نوٽ 11 مارچ 2024 تائين اسٽيٽ بئنڪ جي ويب سائيٽ تي جمع ڪرائي سگهندا. مقابلي ۾ چونڊيل ڊيزائن کي پوءِ ڪرنسي ماهر نوٽ ڊيزائينرن جي مدد سان حتمي شڪل ڏيندا. پڌرائيءَ ۾ چيو ويو آهي ته نون ڪرنسي نوٽن کي حتمي شڪل ڏئي انهن کي پاڪستان حڪومت جي منظوري لاءِ موڪليو ويندو. حڪومتي منظوري ڪانپوءِ نون ڪرنسي نوٽن جي سيريز جاري ٿيندي. اسٽيٽ بئنڪ موجب نوان نوٽ جاري ڪرڻ سان گڏ موجوده سيريز به گردش هيٺ رهندي. نون نوٽن جي فراهمي ڪانپوءِ موجوده سيريز کي مرحلي وار سرڪوليشن سان ختم ڪيو ويندو.

بقايا 22

پاڪستان جي لچڪ مضبوط ڪرڻ آهي. يورپي يونين پاران جاري ڪيل پڌرائي ۾ چيو ويو آهي ته يورپي يونين جي سفير ۽ اقتصادي معاملن واري سيڪريٽري جون 5 گرانٽ معاهدن تي صحيحون ٿي ويون آهن اقتصادي معاملن واري وزارت جو چوڻ هو ته گرانٽ معاهدن جو مقصد ٻوڏ کان پوءِ پاڪستان جي لچڪ مضبوط ڪرڻ آهي.

بقايا 23

چيمبر آف ايجوڪيشن جي صدر حاجي اشفاق احمد وڙائچ جي قيادت ۾ وفد ملاقات ڪئي. وفاقي وزير وفد جي آجيان ڪندي چيو ته چيمبر، حڪومت ۽ پرائيويٽ تعليمي شعبي وچ ۾ ويڇن کي گهٽ ڪرڻ ۾ مک ڪردار ادا ڪيو آهي. هن چيو ته پنجاب چيمبر آف ايجوڪيشن اسڪول کان ٻاهر ٻارن جي انگ کي گهٽ ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. هن چيمبر طرفان هاڪاري فيڊ بيڪ کي تسليم ڪيو ۽ چيو ته اهي تجويزون ايندڙ آءِ بي اي ايم سي ۾ صوبن کي موڪليون وينديون. وفاقي وزير کي صوبن ۾ اڻ اعلائيل موڪلن جي مسئلن بابت ٻڌايو ويو.

بقايا 24

پوائنٽ وڌڻ بعد 27 کان 29 ٿي وئي رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته 2023ع ۾ پاڪستان ۾ ڪرپشن ۾ گهٽتائي رڪارڊ ڪئي وئي جڏهن ته مجموعي رينڪنگ ۾ به پاڪستان 140 مان 133 نمبر تي اچي ويو رپورٽ موجب، پي ڊي ايم حڪومت ۾ پاڪستان جي سي پي آءِ اسڪور هڪ سئو مان 29 رهيو جڏهن ته 2022ع ۾ پاڪستان جو سي پي آءِ اسڪور 27 ۽ رينڪنگ 140 هئي. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته پي ڊي ايم حڪومت ۾ بهتر رينڪنگ ۾ بهتري سان پاڪستان 41 کان 48 نمبر تي آيو. 2022ع ۾ پي ٽي آءِ حڪومت ۾ پاڪستان بهتر رينڪنگ ۾ 41 نمبر تي هو

بقايا 25

ڪمپنين بجلي جي قيمتن ۾ واڌ جي درخواست داخل ڪئي آهي. ڪمپنين صارفين کان ڪيپسٽي چارجز جي مد ۾ 75 ارب 14 ڪروڙ روپيه ۽ نقصانن جي مد ۾ 10 ارب 82 ڪروڙ روپيه وصول ڪرڻ جي درخواست داخل ڪئي آهي جيڪا 81 ارب 50 ڪروڙ روپيه بڻجي ٿي. نيپرا طرفان درخواست تي 14 فيبروري تي ٻڌڻي ڪئي ويندي. حڪومتي گائيڊ لائينز موجب ته ماهي ايڊجسٽمنٽ کي اليڪٽرڪ صارفين تي به هوندي

بقايا 26

وزير ۽ پارليامينٽ ميمبرن شرڪت ڪئي. ڪانفرنس ۾ غزا ۾ 6 غير قانوني وسندين سميت 21 اڏاوتن جا نقشا پيش ڪيا ويا. ٻئي پاسي اسرائيل جي غزا ۾ واپسي جي عنوان سان ٿيل ڪانفرنس تي آمريڪا ۽ فرانس پاران مذمت ڪئي وئي آهي. ان حوالي سان وائيٽ هائوس جي ترجمان جان ڪربي جو چوڻ هو ته واضح ڪري چڪا آهيون ته غزا جي زمين ۾ ڪا به گهٽتائي نه ٿيندي.

بقايا 27

ڪرم الله وقاصي چيو آهي ته پ پ عوامي جذبو رکي خدمت ڪرڻ لاءِ اقتدار ۾ ايندي آهي. اسان تنقيد نه پر عوامي خدمت تي يقين رکون ٿا. پنهنجي بيان ۾ ڪرم الله وقاصي چيو ته ميئر مرتضيٰ وهاب شهر جي ذميواري کڻي ٿو ۽ پنهنجي ذميواري کي چڱي ريت نڀائڻ چاهي ٿو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو 50 سال اڳ عباسي شهيد اسپتال جي پيڙهه جو پٿر رکيو هو، ان وقت عباسي شهيد اسپتال جو شمار ڪراچي شهر جي بهترين اسپتالن ۾ ٿيندو هو پر بدقسمتي سان جڏهن لاشن جي سياست ڪندڙن جي ميئر چارج سنڀالي ته اسپتال کي تباهي ڏانهن ڌڪيو ويو. هن چيو ته پ پ جو نعرو عوامي راڄ ۽ خدمت آهي. جڏهن عوامي خدمت ۽ راڄ جي ڳالهه ٿيندي آهي ته ان ۾ سنڌي، مهاجر، پنجابي، سرائيڪي، بلوچي ۽ ٻيون ٻوليون ڳالهائڻ وارا ماڻهو شامل هوندا آهن. اهو هڪ گلدستو آهي. جنهن ۾ هاري، مزدور ۽ معاشري جو هر فرد هوندو آهي. سندس چوڻ هو لاشن تي سياست ڪندڙ اڄ چون ٿا ته هي علائقا اسان جا آهن. جيڪو عوامي خدمت ڪندو اهو ئي عوام تي راڄ ڪندو. ڪراچي جي عوام پ پ جي ميئر کي چونڊيو آهي. عباسي شهيد اسپتال کي مرتضيٰ وهاب اعليٰ معيار جي بڻائي ڏيکاريندو. پ پ جي سنڌ حڪومت دل جي مرضن جي اسپتالن، جناح اسپتال، ٽراما سينٽر، گمبٽ ۾ سهولتن سميت صوبي ۾ صحت جون جديد سهولتون فراهم ڪيون آهن. ڪرم الله وقاصي چيو ته اردو ڳالهائيندڙ مائرن اهو ٺيڪو ناهي کنيو ته اهي پنهنجي ٻارن جي لاشن تي ماتم ڪنديون رهن ۽ نه ئي ڀينرون ۽ پائر پنهنجي ڀارن جا لاش ڪنهن سرد خاني ۾ ڳوليندا وتن. هاڻ مخالفن کي لغو وارو قائد سلو ناهي لڀندو پر لغو سلو لڀندو آهي. چوڻ لالچ ۽ مفاد آهي. توهان پنهنجو الڳ نشان چو نٿا وٺو ميئر جي ترجمان چيو ته مرتضيٰ وهاب عوام جي وچ ۾ رهندو آهي ۽ هر پل عوام جي خدمتن لاءِ

جنهن سبب اسڪولن جا تعليمي ڏينهن گهٽ ٿي رهيا آهن. هن کي ٻڌايو ته تعليمي ڪئلينڊر سال کي اهڙيءَ طرح نظرثاني ڪرڻ جي ضرورت آهي ته جيئن موسمياتي تبديلين جي اثرن کي ختم ڪيو وڃي. وفاقي وزير کي ٻڌايو ويو ته موسمياتي تبديلين سبب مختلف علائقن جي موسم مختلف انداز ۾ متاثر ٿيندي آهي. پي اي سي استادن جي تربيت جي ضرورت تي زور پريو ۽ حڪومت کي پنهنجون خدمتون پيش ڪيون. پي اي سي چيو ته پبلڪ پرائيويٽ پارٽنر ذريعي اسڪول کان ٻاهر ٻارن جي انگ کي گهٽ ڪري سگهجي ٿو ان سلسلي ۾ پي اي سي پنهنجون خدمتون وفاقي حڪومت کي به پيش ڪيون. وفاقي وزير چيو ته اهي تجويزون هاڪاري آهن ۽ صوبن کي انهن کي عملي جامو پارائڻ تي توجهه ڏيڻ گهرجي. هن چيو ته اهو ضروري آهي ته پاليسيون اهڙي طرح ٺهيون وڃن ته هاءِ اينڊ ۽ لو اينڊ پرائيويٽ ادارن لاءِ هڪ ئي پاليسي نه هئڻ گهرجي.

ڪوشش ۾ آهي. مرتضيٰ وهاب کي مخالفن جي پروپيگنڊا سان ڪو فرق نٿو پوي. جو ته هو عوامي خدمت ۾ ڪامياب ٿي رهيو آهي.

بقايا 28

ڏنو ويو آهي. پڪڙي ڪندڙن کي 20 هزار ريال (پاڪستاني تقريبن 15 لک روپيا) ڏنڊ پرٽو پوندو. عرب ميڊيا موجب سعودي عرب جي گهرو وزارت سيڪيورٽي ڪيمرائن جي قانوني جي پڪڙي تي سخت سزائن جو اعلان ڪيو آهي. وزارت وضاحت ڪئي آهي ته اهڙن ماڻهن تي 20 هزار ريال ڏنڊ لڳايو ويندو جيڪي سي سي ٽي جي رڪارڊنگ پبلڪ ڪندا.

بقايا 29

جي پناهگيرن جي اسڪول جو گهيرو ڪيو. شيلنگ ۽ فائرنگ ڪري 10 فلسطيني شهيد ٿي ويا. فلسطيني صحت واري وزارت جو چوڻ آهي ته اسرائيلي حملن ۾ 24 ڪلاڪن دوران وڌيڪ 215 فلسطيني شهيد ٿي ويا. 7 آڪٽوبر کان وٺي فلسطيني شهيدن جو انگ 26 هزار 637 ٿي ويو آهي. جڏهن ته اسرائيلي حملن ۾ هينئر تائين 65 هزار 387 فلسطيني زخمي ٿي چڪا آهن. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته اسرائيل غزه ۾ رهائشي علائقن تي به بمباري ڪري رهيو آهي. جنهن سبب ڪيترن ئي ماڻهن جي شهادت جو خدشو آهي ٻئي پاسي اسرائيلي فوج پاران الامل اسپتال جو گهيرو ائين ڏينهن به جاري آهي. اسپتال جي چوڌاري اسرائيلي فوج ۽ فلسطيني مزاحمتي ويڙهاڪن وچ ۾ سخت ويڙهه ٿي ٻئي طرف ويسٽ بئنڪ ۾ به اسرائيلي فوج فائرنگ ڪئي. ڳوڙها آڻيندڙ گيس جي شيلنگ سبب وڌيڪ 5 فلسطيني شهيد ٿي ويا جڏهن ته ڪيترن ئي کي گرفتار ڪيو ويو ان کان علاوه، اسرائيل شام ۾ هڪ ايراني حمايت يافته مليشيا بيس تي هوائي حملو ڪيو جنهن ۾ 6 ڄڻا مارجي ويا. جڏهن ته حزب الله اتر اسرائيل ۾ اسرائيلي فوجي اڏن کي ٽينڪ مخالف ميزائل سان نشانو بڻايو

بقايا 30

سوار فوت ٿي ويو پوليس موجب حادثو امبرو واري هنڌ پيش آيو جتي سياحت واري وزير جي گاڏي ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر ٿيو پوليس ٻڌايو ته حادثي ۾ موٽرسائيڪل سوار فوت ٿي ويو جڏهن ته فهيم رباني ۽ ڊرائيور معمولي زخمي ٿيا.

بقايا 31

سگهجي. سپريم ڪورٽ طاهر صادق جي نامزدگي ڪاغذن جي منظوري جو لکت فيصلو جاري ڪري ڇڏيو. جسٽس منصور علي شاهه جي سربراهي ۾ 3 رڪني بئنچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي هئي. سپريم ڪورٽ لکت فيصلي ۾ قرار ڏنو ته اشتهاري کي چونڊ وڙهڻ کان نٿو روڪي سگهجي. اشتهاري هجڻ جو واسطو جوابدار جي لاڳاپيل ڪيس جي حد تائين هوندو آهي. تنهن ڪري اشتهاري هجڻ جو واسطو جوابدار جي ڪنهن ٻئي ڪيس يا معاملي سان نٿو جوڙي سگهجي. سپريم ڪورٽ فيصلي ۾ چيو آهي ته جمهوري نظام ۾ عوام ووٽ ذريعي پنهنجي نمائندن تي ٻڌل حڪومت ناهيندو آهي. آئين ۾ اهڙي ڪا پابندي ناهي ته اشتهاري يا مفرور کي چونڊ وڙهڻ کان روڪي سگهجي. فيصلي جي متن موجب چونڊن ۾ رڳو اميدوارن جا نه پر عوام جا حق به شامل هوندا آهن. عدالتون بنيادي حقن ۽ جمهوريت جون محافظ آهن. عدالتن کي چونڊ معاملي تي ان نظر سان مداخلت ڪرڻ گهرجي ته جمهوري اصول جي بالادستي رهي. فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته جمهوري معاشري جو روح پنهنجي پسند جي اميدوار کي آزادي سان ووٽ ڏيڻ آهي. عوام جي راءِ تي سوديبازي نٿي ڪري سگهجي. چونڊ عمل ۽ ووٽنگ ذريعي ئي عوام جمهوري عمل ۾ شريڪ ٿيندو آهي. چونڊ عمل ۾ آزادي سان شرڪت ڪنهن به معاشري ۾ سڀ کان وڏو بنيادي حق آهي. فيصلي جي متن موجب اميدوارن جي اهليت ۽ نااهلي جو معيار چونڊ عمل کي اثرائتو بڻائڻ لاءِ آهي. اعتراض ڪندڙ کان پڇيو ته اشتهاري هجڻ جي ڪيئن خبر پئي، اعتراض ڪندڙ چيو ته ڪنهن دوست ٻڌايو هو ته طاهر صادق اشتهاري آهي. فيصلي ۾ ٻڌايو ويو آهي ته اليڪشن ڪميشن اختيارين طاهر صادق جي اشتهاري هجڻ جا دستاويز نه ڏيکاري سگهيون. تنهن ڪري اين اي 49 اٽڪ تان طاهر صادق جو نالو بيلٽ پيپر ۾ شامل ڪيو وڃي.

بقايا 32

ايڪشن وٺي. هوڏانهن مچ ۾ حملي جي ذميواري ڪالعدم تنظيم بلوچستان لبريشن آرمي قبول ڪئي. سيڪيورٽي ذريعن جو چوڻ آهي ته گرفتار پارٽي قاتلن شاهد لطيف کي سيالڪوٽ، محمد رياض کي راولاڪوٽ ۾ قتل ڪيو. شاهد لطيف، رياض جي قتل ۾ پارٽي ايجنٽ اشوڪ ڪمار آنند ۽ يوگيشن ڪمار ملوث هئا.

بقايا سنڌيار 01

۽ ڪپ ۽ ميڊل انعام طور استادن جي هٿان ڏيارا ويا. ياسر پبلڪ هاءِ اسڪول برانچ II جي پرنسپال واجد علي ملاح چيو ته ياسر اسڪول ۾ هر مهيني منٿلي ٽيسٽ به ورتي ويندي آهي جنهن ۾ پهرين پوزيشن ماڻيندڙ شاگردن ۾ انعام طور ڪپ ۽ ميڊل ڏنا ويندا آهن تعليمي اداري ۾ امتحان وٺڻ کان پوءِ ڪپ ۽ ميڊل شاگردن ۾ انعام ورهائڻ ۽ سندن داد ڏيڻ جو مقصد ٻارڙن ۾ تعليمي ميدان ۾ اڳ ۾ پري ڊوڙ ڪرڻ ۾ دلچسپي ۽ شوق وڌائڻ آهي ڪلاسن مان شاگردن جي پوزيشن ڪڻ ۾ ڪردار سنڌس استاد جو پڻ آهي وڏيڪ والدين به پنهنجي ٻارڙن تي مڪمل توجه ڏين ته اسان جي مستقبل جا معمار ٻار پنهنجي پڙهائي کي مڪمل ڪري ضرور ملڪ جو نالو روشن ڪندا

بقايا سنڌيار 02

عطا الله جو پوري يوسي ۾ ورڪ عوام پاران پربور موٽ گل نڇاور ڪري شاندار استقبال ڪيو مختلف ڳوٺن ۾ ڪارنر گڏجاڻيون جيڪي جلسن ۾ تبديل عوام جي پربور موٽ سوين گاڏين جي ريلي جو گلن سان شاندار استقبال ڪيو ويو. ان موقعي تي عطاالله جٽيجو شاهد ٿهيم ۽ نويد مگسي چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي هميشه عوام جي ڳالهه ڪئي آهي ۽ ملڪ جي ترقي، خوشحالي، امن ۽ روزگار جي ٿي ڳالهه ڪئي آهي ۽ عوام جون اميدون فقط پيپلزپارٽي ۾ آهن هنن وڌيڪ چيو ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو ۽ ان جي ساٿين جمهوريت جي بحالي لاءِ وڏي قيمت ادا ڪئي پاڪستان پيپلزپارٽي جا اميدوار هميشه عوام جي وچ ۾ هوندا آهن ۽ انهن جي هر تڪليف کي پنهنجو سمجهندا آهن انشاالله اسان 8 فيبروري 2024 تي مخالفن کي عوام جي ووٽ ذريعي مقابلو ڪنداسين ۽ هڪ نئون ترقياتي انقلاب برپا ٿيندو وفاق ۾ انشاءالله بلاول ڀٽو زرداري وزيراعظم ٿيندو

بقايا سنڌيار 03

سان مفت بلڊ ڊونيشن ڪئمپ لڳائي وئي جنهن ۾ ٽريننگ ڪندڙ شاگردن وڏي انگ ۾ رت جو عطيو ڏنو ان موقعي تي DMS ڊاڪٽر بدرالدين ابڙو انسٽيٽيوٽ جي اڳواڻ علي اصغر چنه سماجي اڳواڻ اعجاز ممناڻي ۽ ٻين پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته هن انسٽيٽيوٽ ۾ هر سال جيان هن سال به رت جي عطيي جي ڪئمپ لڳائي رهيا آهيون هن ڪئمپ جو مقصد ٿيليسيميا، ڊائلاسز توڙي ٻين بيمارين ۾ مبتلا غريب مريضن جي مدد ڪرڻ آهي اڳواڻن چيو ته هن ڪار خير ۾ هر ڪو پنهنجو حصو وٺي رهيو آهي ڇو ته نوجوانن جو ڏنل رت مريضن جي حياتي جو ذريعو آهي الله جي راهه ۾ اگر مال ڏيندا ته مال وڌندو اگر خون ڏيندا ته ڪريم رب توهان کي صحتمند زندگيءَ عطا ڪندو هاسپيٽل بيسڊ بلڊ بئنڪ جي انچارج غلام اڪبر ناريجو چيو ته هي بلڊ ڊونيشن ڪئمپ سول سرجن ڊاڪٽر خادم علي مگريو ۽ اسپتال انتظاميه جي تعاون سان لڳائي آهي جنهن ۾ وڏي انگ ۾ ڊونرن رت جو عطيو ڏنو آهي جنهن تي اسان سندن ٿورائتا آهيون هي ءِ [illegible]

ان موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اميدوارن ۽ ضلعي اڳواڻ پرويز علي گوراهو کي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو جهنڊو پارائي ويلڪم ڪيو جتي خطاب ڪندي ذوالفقار علي ٻهڻ، ممتاز علي چانڊيو فيروز احمد خان جمالي چيو ته اسان پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي پليٽ فارم تي هن علائقي جي عوام جي بنا فرق جي خدمت ڪئي آهي ۽ بنيادي مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جنهن جو ثبوت عوام جي ڀرپور حمايت ۽ پارٽي پاران منتخب ڪيل اميدوارن جي استقبال مان لڳائي سگهجي ٿو هي پارٽي عوامي سمنڊ رکندڙ پارٽي آهي جنهن جي اڳيان ايندڙ پان لڙهي ويندا ايندڙ 8 فيبروريءَ تي وڏي اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪنداسين ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، ملڪ جو وزيراعظم بڻجندو ۽ سمورا نمائندا ڪين جي قيادت ۾ خدمت جاري رکنداسين هنن عوام کي اپيل ڪئي ته 8 فيبروريءَ تي سستي ختم ڪري ترت پنهنجي پنهنجي علائقن جي پولنگ اسٽيشنز تي پهچي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي اميدوارن کي ووٽ ڏئي تير تي ٺپا هڻي ڪامياب ڪرائڻو آهي.

بقايا سنڌيار 08

ڪري حمايت جا اعلان ڪيا ويا. شڪارپور جي وارڊ 4 ۾ غلام حيدر خان ڀهوڙ، محمد اسماعيل ڀهوڙ ۽ ڀهوڙ برادري جي ڪارنر گڏجاڻيءَ ڪري حمايت جو اعلان ڪيو. شهر جي وارڊ 29 ۾ ميمڻ برادري جي چڱن مڙسن حاجي ڏتي بخش ميمڻ ۽ ڊاڪٽر نديم ميمڻ جي ميزباني ۾ پروگرام ڪيو ويو شڪارپور شهر جي دعا شادي هال ۾ عمران علي منگي ۽ منگي برادري جي ڪارڪنن پاران شاندار پروگرام ڪيو ويو. هوڏانهن وارڊ نمبر 4 ۾ ڀهوڙ برادري جي چڱن مڙسن غلام حيدر ڀهوڙ ۽ محمد اسماعيل ڀهوڙ جن جي ميزباني هيٺ زبردست پروگرام ڪيو ويو جنهن ۾ وڏي انگ ۾ ڀهوڙ برادري شرڪت ڪئي. ان موقعي تي شهريار مهر خطاب ڪندي چيو ته جي يو آءِ سان اسان جي مخالفت براءِ مخالفت ناهي ان جماعت ۾ ڪافي سنا معتبر ماڻهو ۽ عالم آهن جن سان اسان جو به لڳاءُ آهي انهن ۾ جي يو آءِ شڪارپور جو ضلعي امير ۽ درگاهه جرار ڀهوڙ جو گادي نشين مولانا عبدالله ڀهوڙ به هو جنهن جي اسان وٽ تمام گهڻي عزت ۽ احترام آهي. پر افسوس جو هن وقت جماعت غلط ماڻهن جي هٿ چڙهي وئي آهي ۽ مولانا عبدالله ڀهوڙ سميت اهي سنا ۽ معتبر عالم هن وقت ظاهر ناهن ۽ جماعت تي اهڙا ماڻهو حاوي ٿي ويا آهن جن کي دل به نه ٿو چوي ته انهن کي ايڏي عزت سان مڃي وڃي. هن چيو ته ڀهوڙ برادري جهڙي نموني پ پ سان بيٺي آهي پوءِ اها خانپور ۾ هجي يا لکي غلام شاهه ۾، شڪارپور ۾ هجي يا ڳڙهي ياسين ۾ پنهنجي پ پ جي اميدوارن سان گڏ آهي اها تمام گهڻي خوشي جي ڳالهه آهي. هن چيو ته مان شڪارپور جي ميمڻ برادري جو پڻ تمام گهڻو ٿورائتو آهيان جن اسان جي حمايت جو اعلان ڪيو آهي، ميمڻ برادري هڪ پڙهي لکهي ۽ باشعور برادري آهي ان کي اسان پنهنجي برادري جو حصو سمجهون ٿا ۽ هنن سان ذاتي ۽ ويجهو تعلق [illegible]

[illegible]

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

روزاني سنڌيار ايڊيٽر اعجاز مهر ڪراچي Reg No 2677 ABC Certified Daily SINDHYAR Karachi www.dailysindhyar.com NTN 4129440-8

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏيارينداسين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com